روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) خميس 15 جون 2023 ع بمطابق 25 ذوالقعد 1444هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 21

ساموندي طوفان بعد مُلڪ ۾ هڪ ٻي قدرتي آفت جو خدشو

ساموندي طوفان بائپرجواءِ بعد مُلڪ ۾ هيٽ ويو جو امڪان آهي، جنهن سبب مُلڪ جي مختلف علائقن ۾ گرمي پد ۾ غيرمعمولي واڌ ايندي : شيري رحمان

اڄ يارنهن وڳي ساموندي طوفان ڪيٽي بندر سان ٽڪرائيندو ته ٺٺڪري ماڻهن کي اپيل آهي ته عوام انتظاميا سان سهڪار ڪري

پيٽروليگ ريلف ۽ ريسڪيو لاءِ سمورا ادارا متحرڪ آهن ۽ 66 هزار ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي

طوفان سبب اڄ ننڍن جهازن کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ طوفان جي ويجهو پهچندي ئي ڪمرشل فلائٽس کي به روڪيو ويندو

ماڻهو ساموندي پٽي وارن علائقن طرف طوفان ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا آهن، مهرباني ڪري هي ڊيزاسٽر ٽورازم بند ڪريو

مهرباني ڪري عوام ٽِڪ ٽاڪ ٺاهڻ لاءِ ساموندي علائقن ڏانهن نه وڃن، بار بار شڪايتون ملي رهيون آهن، عوام کي هر هر روڪي رهيا آهيون

اسلام آباد(م د) ساموندي طوفان بعد هڪ ٻي قدرتي آفت پاڪستان کي متاثر ڪري سگهي ٿي، موسمياتي تبديلي بابت وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته ساموندي طوفان بائپرجواءِ بعد مُلڪ ۾ هيٽ ويو جو امڪان آهي، جنهن سبب مُلڪ جي مختلف علائقن ۾ گرمي پد ۾ غيرمعمولي واڌ ايندياسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شيري رحمان چيو ته سيائي يارنهن وڳي ساموندي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

جيڪڏهن پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف ڪيس ڪوڙا آهن ته پوءِ عدالت وڃي ڪيس بيگناهه ثابت ڪيو وڃي : شهباز شريف

گذريل حڪومت ڪوڙ ۽ پروپيگنڊا ڪري قوم جو وقت ضايع ڪيو، گذريل حڪومت آءِ ايم ايف سان معاهدو ٽوڙي معيشت جو ٻيڙو غرق ڪيو

آءِ ايم ايف جون سمورِيون شرطون قبول ڪري ورتيون آهن ۽ اميد آهي ته آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿي ويندو

سندس بند پيل ترقياتي منصوبا اڄ پڄاڻي تي پهچن ٿا، سيپڪو، امپورٽ حڪومت جا ڪوڙ حقيقتن کي دفن ڪري ڇڏيا آهن

اسان بيوقوفيءَ سان ڪا به شيءِ خريد نه ڪئي، روس کان تيل خريد ڪرڻ جا معاملا حل ڪيا، روس کان تيل اچي رهيو آهي

عالمي مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ 15 ڊالر سستو آهي، چيئرمين پي ٽي آءِ الزام هنيا، ڪرپشن جو ڪو ثبوت نه ڏنو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته روس مان ايندڙ تيل عالمي مارڪيٽ جي ڀيٽ ۾ 15 ڊالر سستو آهي. راولپنڊي اسلام آباد ۾ ترقياتي منصوبن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته گذريل حڪومت ڪوڙ ۽ پروپيگنڊا ڪري قوم جو وقت ضايع ڪيو گذريل حڪومت آءِ ايم ايف سان معاهدو ٽوڙي معيشت جو ٻيڙو غرق ڪيو. آءِ ايم ايف جون سمورِيون شرطون قبول ڪري ورتيون آهن ۽ اميد آهي ته آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿي ويندو.هن چيو ته سنڌس بند پيل ترقياتي منصوبا اڄ پڄاڻي تي پهچن ٿا، سيپڪو امپورٽ حڪومت جا ڪوڙ حقيقتن کي دفن ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: ترقياتي منصوبن جي افتتاحي تقريب دوران وزيراعظم شهباز شريف کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

آءِ ايم ايف کي بجيٽ ۾ خرچن ۽ ٽيڪسن تي ڳڻتي آهي: عائشه غوث

آءِ ايم ايف بجيٽ بابت ڪجهه شين تي وضاحت طلب ڪئي آهي

اسحاق ڊار جي آءِ ايم ايف مشن چيف ناٿن پورٽر سان ورچوئل ڳالهه ٻولهه ٿي

آءِ ايم ايف کان بجيٽ جي حوالي سان ڪجهه شين تي وضاحت طلب ڪئي آهي

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري مملڪتي وزير عائشه غوث پاشا چيو آهي ته آءِ ايم ايف بجيٽ بابت ڪجهه شين تي وضاحت طلب ڪئي آهي. ڪين خرچن ۽ ٽيڪسن جي معاملي تي خدشا آهن.اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي عائشه غوث /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ناڻي واري مملڪتي وزير عائشه غوث پاشا

ارشد شريف ڪيس، 5 ججن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي درخواست رد

چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ 5 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

حڪم ۾ چيو ويو آهي ته اٽارني جنرل آف پاڪستان هن رپورٽن جو حوالو ڏنو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)سپريم ڪورٽ صحافي ارشد شريف جي قتل بابت سوموٽو ڪيس ۾ لکت ۾ حڪم جاري ڪري ڇڏيو گذريل ڏينهن سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

شيل پيٽروليم ڪمپني پاڪستان ۾ ڪمپني جا سمورا شيئر وڪڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

اها شيل پاڪستان جا 77.42 سيڪڙو شيئر وڪرو ڪندي ۽ ڪمپني جو انتظام ۽ ڪنٽرول خريدار جي حوالي ڪندي : خبرو ادارو

شيل پيٽروليم ڪمپني کي 2022ع ۾ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ ۽ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي سبب وڏي مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو

ڪمپني پاڪستان ۾ پنهنجا سمورا شيئر وڪرو ڪري رهي آهي، جنهن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي اجلاس ۾ منظوري ڏني وئي آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)شيل پيٽروليم ڪمپني پاڪستان ۾ ڪمپني جا سمورا شيئر وڪڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. برطانوي خبرو اداري موجب شيل جو چوڻ آهي ته اها شيل پاڪستان جا 77.42 سيڪڙو شيئر وڪرو ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حيدرآباد مان پ پ جو ڪاشف شورو بنا مقابلي ميئر ۽ صغير قريشي ڊپٽي ميئر چونڊجي ويا

اليڪشن ڪميشن حيدرآباد جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي بنا مقابلي چونڊجڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي ٻين اميدوارن پاران هٿ ڪڍڻ کان پوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو : اليڪشن ڪميشن ترجمان

ڪاشف شورو ۽ صغير قريشي ٻنهي جو تعلق پاڪستان پيپلز پارٽي سان آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جو ڪاشف شورو بنا مقابلي ميئر ۽ صغير قريشي ڊپٽي ميئر حيدرآباد چونڊجي ويا. اليڪشن ڪميشن حيدرآباد جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي بنا مقابلي چونڊجڻ جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پيپلز پارٽي جو بنا مقابلي ميئر چونڊيل ڪاشف شورو ۽ ڊپٽي ميئر صغير قريشي (فائيل فوٽو)

حيدرآباد بعد سکر ۾ به پ پ جو ارسلان شيخ بنامقابلي ميئر چونڊجي ويو

اسلام آباد (م د) حيدرآباد کانپوءِ سکر ۾ به پيپلزپارٽي جا ميئر ۽ ڊپٽي ميئر بنا مقابلي چونڊجي ويا آهن اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پ پ جو ارسلان شيخ بنامقابلي سکر جو ميئر جڏهن ته ڊاڪٽر ارشد مغل بنا مقابلي ڊپٽي ميئر چونڊجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي سمنڊ پاسي رهندڙن کي گهر خالي ڪرڻ جي هدايت

ساموندي طوفان جي ڪري تياريون جاري آهن ۽ انتظاميا اهو فيصلو شهرين جي حفاظت لاءِ ڪيو آهي : ڊي ايڇ اي انتظاميه

سمنڊ ڪناري پرسان سي ويو اپارٽمينٽ ۽ درخشان ولاز جي رهواسين کي خالي ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ساحل جي آس پاس رهندڙ ماڻهن کي گهرن مان نڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، ڊي ايڇ اي انتظاميا جو چوڻ آهي ته ساموندي طوفان جي ڪري تياريون جاري آهن ۽ انتظاميا اهو فيصلو شهرين جي حفاظت لاءِ ڪيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

فحاشي پکيڙڻ جو الزام، روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي خلاف عدالت ۾ پٽيشن داخل

ٻنهي فنڪارن خلاف موري جي رهواسي ايڊووڪيٽ گلزار علي عالماڻي حيدرآباد جي عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪرائي

روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي سوشل ميڊيا تي فحاشي پکيڙي رهيا آهن : درخواستگذار

روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي جي وڊيوز تي سوشل ميڊيا واهپيدارن طرفان سخت تنقيد ڪئي ويندي آهي

روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي (فائيل فوٽو)

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ جي ٽي وي آرٽسٽ روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي خلاف عدالت ۾ فحاشي پکيڙڻ جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

صابر شاڪر ۽ معيد پيرزاده سميت 4 ڄڻن خلاف بغاوت ۽ دهشتگردي جو ڪيس داخل

ايف آءِ آر ۾ صابر شاڪر ۽ معيد پيرزاده کان علاوه محي الدين ۽ سيد اڪبر حسين کي به نامزد ڪيو ويو

مظاهرين صابر شاڪر، معيد پيرزاده ۽ ٻين کان دهشتگردي پکيڙڻ جون هدايتون وٺي رهيا هئا

اسلام آباد(م د) صابر شاڪر ۽ معيد پيرزاده سميت 4 ڄڻن خلاف بغاوت ۽ دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. شهري ماجد محمود طرفان اسلام آباد جي آبپاره ٿاڻي ۾ صابر شاڪر ۽ معيد پيرزاده سميت 4 ڄڻن خلاف بغاوت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٺٽي، بدين، سجاول، ڪاروڇاڻ ۽ ٻين ساموندي علائقن مان هزارين ماڻهو محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل

چوهڙ جمالي ويجهو ڳوٺ حاجي ابراهيم جت جا رهواسي محفوظ هنڌن تي منتقل نه ٿي سگهيا

هتي اسان کي آندو ويو آهي پر ڪا به سهولت ناهي ملي سگهي، واهر ڪئي وڃي : متاثرين

ڪراچي (رپورٽر) ٺٽو بدين، سجاول، ڪاروڇاڻ ۽ ٻين ساحلي علائقن مان 60 هزار کان وڌيڪ ماڻهو محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل، فوج، نيوي، رينجرز ۽ انتظاميا جي گڏيل ٽيمن پاران ڪاروڇاڻ مان به ماڻهن کي ٻاهر ڪڍيو ويو ڪيٽي بندر مان 11 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪمشنر متاثرن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي: شرجيل ميمڻ

متاثرن کي گهرن جهڙيون سمورِيون سهولتون نٿيون ڏئي سگهجن

لڏپلاڻ ڪندڙن کي اسڪولن ۽ سرڪاري عمارتن ۾ رکيو ويو آهي

وڏي وزير چيو آهي ته طوفان کان متاثر ساحلي علائقن جي ماڻهن کي گهرائيا ويندا

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي سنڌ سماء واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته متاثرن کي گهرن جهڙيون سموريون سهولتون نٿيون ڏئي سگهجن. نجي ٽي وي سان ڳالهائيندي شرجيل ميمڻ چيو ته ڪمشنر متاثرن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.هن چيو ته لڏپلاڻ ڪندڙن کي اسڪولن ۽ سرڪاري عمارتن ۾ رکيو ويو آهي.شرجيل ميمڻ جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: سنڌ جي سنڌ سماء وارو صوبائي وزير شرجيل ميمڻ (فائيل فوٽو)

حيدرآباد جو ميئر ۽ ڊپٽي ميئر بنا مقابلي منتخب

ڪاشف شورو حيدرآباد جو ميئر ۽ صغير قريشي ڊپٽي ميئر چونڊجي ويو

اليڪشن ڪميشن حيدرآباد جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي بلدياتي چونڊ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

حيدرآباد(رپورٽر)سنڌ جي ٻئي وڏي شهر حيدرآباد جو ميئر ۽ ڊپٽي ميئر بنا مقابلي چونڊجي ويو. ٻنهي جو تعلق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪراچي ، پي ٽي آءِ يوسي چيئرمين گهر مان اغوا

يوسي چيئرمين ارشد حسين حافظ نعيم الرحمان جي حمايت ۾ وڊيو بيان جاري ڪيو

گهر پهچڻ تي سادا ڪپڙا پهريل ماڻهن ارشد حسين کي کڻي ويا

ڪراچي(رپورٽر)ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي يوسي 8 صفورا ٽائون جي چيئرمين کي مبينا طور نامعلوم ماڻهن سندس گهر مان اغوا ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف آذربائيجان جي دوري تي وڃڻ لاءِ جهاز ۾ چڙهي رهيو آهي

مسلم ليگ(ن) انٽرا پارٽي چونڊن جو فيصلو ڪري ورتو

نوازشريف لاڳيتو پارٽي اڳواڻ جي عهدي تي فائز رهندو

پارٽي جو موجوده صدر وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ(ن) جو بنا مقابلي صدر چونڊجي ويندو : ذريعا

لاهور (م د) ملڪ ۾ عام چونڊن کان اڳ مسلم ليگ(ن) پارٽي چونڊون ڪرائڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. مسلم ليگ(ن) جون پارٽي چونڊون 16 جون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي ايم پي اي ثانيه ڪامران پ پ ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي

سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪندڙن کي گهرجي ته قوم ۽ فوج کان معافي گهرن : ثانيه ڪامران

9 مئي جي واقعي ۾ ملوث هر ڪردار کي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي : پريس ڪانفرنس

تحريڪ انصاف جي اڳوڻي پنجاب اسيمبلي ميمبر ثانيه ڪامران

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳوڻي پنجاب اسيمبلي ميمبر ثانيه ڪامران پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي.لاهور ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي ثانيه ڪامران چيو ته سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪندڙن کي گهرجي ته قوم ۽ فوج کان معافي گهرن. 9 مئي جي واقعي ۾ ملوث هر ڪردار کي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي. ثانيه ڪامران چيو ته اڄ آصف زرداري ئي سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي هڪ ميز تي ويهاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

فوجي عدالت ۾ جوابدار کي شفاف ٽرائل جو مڪمل حق حاصل هوندو: نذير تارڙ

ملٽري ڪورٽ جي فيصلي خلاف اعليٰ عدالتن ۾ اپيل به داخل ڪري سگهبي

فوجي عدالتن ۾ ڪيسن جي حوالي سان عالمي معاهدن تي عمل ڪيو ويندو

اسلام آباد(م د) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته فوجي عدالت ۾ جوابدار کي شفاف ٽرائل جو مڪمل حق حاصل هوندو جڏهن ته ملٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ساحلي پٽي ۾ طوفاني هوائن دوران بجلي جا پول ۽ ٽاور ڪري پيا

گولاڙچي، عمرڪوٽ ۽ بدين ضلعن ۾ 18 فيڊر ٽرپ ٿي ويا

طوفاني هوائن دوران سجاول گرڊ اسٽيشن جو ٽاور ۽ چوهڙ جمالي ۾ بجلي جا پول ڪري پيا

ڪراچي(رپورٽر) ساحلي پٽي ۾ طوفاني هوائن دوران بجلي جا پول ۽ ٽاور ڪري پيا. ڪيترن ئي علائقن کي بجلي جي فراهمي بند ٿي وئي.حيسڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عالمي بينڪ پاڪستان لاءِ 20 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي

اها رقم ٻوڏ متاثرين جي بحالي ۽ نئين سري سان تعمير تي خرچ ڪئي وڃي : عالمي بئنڪ

رقم خيبرپختونخواهه جي ٻوڏ متاثرين تي خرچ ڪئي ويندي

اسلام آباد(م د) عالمي بينڪ پاڪستان لاءِ 20 ڪروڙ ڊالر قرض جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. انهي رقم سان 55 لک متاثرين کي فائدو پهچندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ٻپرجوائي جو رخ تبديل، ڪراچي کان اڳتي وڌي ويو

ڪراچي کان طوفان جو فاصلو 340 ڪلوميٽر مان وڌي 370 ڪلوميٽر ٿي ويو آهي : موسميات کاتو

ڪيٽي بندر کان طوفان جو فاصلو 275 ڪلوميٽر مان وڌي 290 ڪلوميٽر ٿي ويو آهي

ٻپرجوئي ڪراچي جي ساحلي پٽي سان نه ٽڪرائيندو پر طوفان جو اثر ڏسڻ ۾ ايندو طوفان سبب هاڪس بي ۾ سمنڊ ۾ چوڙ وڌي ويو آهي

ڪراچي (رپورٽر) عربي سمنڊ جي طوفان جو رخ تبديل ٿي ويو آهي. ٻپرجوئي ڪراچي جي ساحل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: صدر عارف علوي سان سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي ملاقات ڪري رهيو آهي

جماعت اسلامي جي ميئر واري چونڊ تي اسٽي جي درخواست رد

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ميئر ڪراچي جي چونڊ بابت جماعت اسلامي جي درخواست رد ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

جنهن نانگ کي کير پياري پاليو ويو ان 9 مئي تي ڏنگيو: خواجه آصف

يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي بجيٽ اربين رپين جي آهي، ذاڙيل قوم کي سيکاري رهيا آهن

اهي ذاڙيلن کي سيکاريندا، هتي وري ڏسو ته 2018 ۾ ڇا ٿيو ۽ پوءِ چاهه رسالي ۾ ڇا ٿيو

عدليه، بيوروڪريسي ۽ حڪومتي نااهلي جو ڳانڍاپو خراب معاشي صورتحال جو سبب آهي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) بجاءِ واري وزير ۽ مسلم ليگ ن جي اڳواڻ خواجا آصف هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته اهو نانگ جيڪو 9 مئي تي ٻوڙي ويو هو قومي اسيمبلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ٻپرجوائي: حفاظتي نقطه نظر کان بجلي بند ڪرڻي پوندي: خرم دستگير

سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ 2 هزار اهلڪار بجلي جي ڊسٽري بيوشن ڪمپنين کي موڪلي رهيا آهن

مان ۽ سيڪريٽري پاور شام جو ڪراچي پهچي رهيا آهيون، ٺٽي، بدين ۽ سجاول ۾ هوائون زوردار آهن

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني ۾ به اهڙي صورتحال ٿي سگهي ٿي، پر اها خبر ناهي ته طوفان جا ڪهڙا اثر پوندا

اسلام آباد(مانيٽرنگ ڊيسڪ) توانائي واري وفاقي وزير خرم دستگير جو چوڻ آهي ته ساموندي طوفان سبب بجلي جي فراهمي ۾ ڪو خلل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: توانائي وارو وفاقي وزير خرم دستگير پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي

ڪراچي(رپورٽر) انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي ٿي آهي.انٽر بئنڪ ايڪسچينج /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 12

ساموندي طوفان ٻپرجوئي کان اڳ ئي ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي بند

گلستان جوهر بلاڪ 8، ايف بي ايريا بلاڪ 12، گارڊن ويسٽ، ڊفينس ويسٽ فيز 2 ۾ بجلي بند رهي

مليرهالٽ، رفاه عام ۽ سعدي ٽائون سميت ٻين علائقن مان بجلي جي لوڊشيڊنگ جون شڪايتون مليون

هاٽوڪي طوفان ۾ ملڪ ۾ آر ايل اين جي جي فراهمي متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي : ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

ڪراچي(رپورٽر)ساموندي طوفان ٻپرجوئي کان اڳ ئي ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي بند ٿي وئي. ڪراچي جي مختلف علائقن گلستان جوهر بلاڪ 8، ايف بي ايريا بلاڪ 12، گارڊن ويسٽ، ڊفينس ويسٽ فيز 2، الفلاح، نارٿ ڪراچي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

آرٽيڪل 184 ٽري ۾ اپيل جي حق لاءِ ترميم کي پليڪار چونداسين: چيف جسٽس

آئيني اختيار کي آئيني ترميم ذريعي ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو : جسٽس عمر عطا بنديال

آرٽيڪل 184 جي شق ٽي جي اختيارن کي گهٽائڻ لاءِ قانون سازي ڪئي وئي : پي ٽي آءِ جو وڪيل

آئيني ترميم ڪئي وئي ته اسان ان کي پليڪار چونداسين، آئيني اختيارن کي آئيني ترميم ذريعي ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال چيو آهي ته آرٽيڪل 184 ٽري ۾ اپيل جي حق لاءِ آئيني ترميم کي پليڪار چونداسين ۽ آئيني اختيار کي آئيني ترميم ذريعي ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو چيف جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

NATIONAL CONFERENCE
EMPOWERED LOCAL GOVERNMENTS

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

6 مهينا 13 ڏينهن پنڌ ڪري نوجوان حج لاءِ مڪي پهچي ويو

اوڪاڙا (م د) اوڪاڙا سان واسطو رکندڙ نوجوان 5 هزار 400 ڪلوميٽر پنڌ سفر ڪري حج لا مڪي پهچي ويو عثمان ارشد نالي پاڪستاني نوجوان سعودي عرب جو پنڌ سفر 6 مهينن ۽ 13 ڏينهن ۾ ڪيو هن ايران، گڏيل عرب امارتن ۽ بحرين رستي سفر ڪيو پاڪستان حج مشن جي ڪوشش سان عثمان ارشد کي حج جي ويزا ملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پارٽي جو نالو چوري ڪرڻ تي استحڪام پاڪستان تحريڪ جهانگير ترين کي ليگل نوٽيس اماڻي ڇڏيو

ليگل نوٽيس استحڪام پاڪستان تحريڪ جي صدر احمد ڪليم طرفان اماڻيو ويو

ليگل نوٽيس پيٽرن انچيف استحڪام پاڪستان پارٽي جهانگير ترين ۽ صدر عليم خان ڏانهن اماڻيو ويو

استحڪام پاڪستان تحريڪ پارٽي جو نالو چوري ڪرڻ اليڪشن ايڪٽ 2017 جي ڪليل پيچڪڙي آهي :ليگل نوٽيس جو متن

لاهور (م د) پارٽي جو نالو استعمال ڪرڻ تي استحڪام پاڪستان تحريڪ جهانگير ترين کي ليگل نوٽيس اماڻي ڇڏيو آهي.ليگل نوٽيس استحڪام پاڪستان تحريڪ جي صدر احمد ڪليم طرفان اماڻيو ويو ليگل نوٽيس پيٽرن انچيف استحڪام پاڪستان پارٽي جهانگير ترين ۽ صدر عليم خان ڏانهن اماڻيو ويو استحڪام پاڪستان تحريڪ جي ليگل نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پڊ عيدن واسي فوجي جوان سميت 3 ڄڻا اغوا، هڪ پوليس وٽ پهچي ويو

سستي ٽريڪٽر جي وڪري تي هرڪائي اغوا ڪيل پڊعيدن واسي 3 ڄڻن جا پيرا ڳڙهي ياسين ويجهو گولوڏرو جي علائقي مان هٿ آيا

فوجي جوان جعفر راڄپر سرفراز راڄپر ۽ ثناءالله سميت ٽريڪٽر خريد ڪرڻ لاءِ 22 لک رپيا کڻي وڃي رهيا هئا ته هنن کي ڌاڙيلن اغوا ڪري ورتو

ڌاڙيل فوجي جوان جعفر راڄپر ، سرفراز راڄپر ۽ ثناءالله کي اغوا ڪري ويا ، نوجوان ٽريڪٽر جي خريد جي ڏيتي ۾ اچي اغوا ٿي ويا آهن

پڊ عيدن (رپورٽر) پڊ عيدن واسي ٽن نوجوانن کي ڌاڙيل اغوا ڪري ويا، هڪ نوجوان ڪينال ۾ ٽپو ڏئي پاڻ بچائي پوليس وٽ پهچي ويو. سستي ٽريڪٽر جي وڪري تي هرڪائي اغوا ڪيل پڊعيدن واسي 3 ڄڻن جا پيرا ڳڙهي ياسين ويجهو گولوڏرو جي علائقي مان هٿ آيا ڳوٺ ڏڳيچا واسي فوجي جوان جعفر راڄپر سرفراز راڄپر ۽ ثناءالله سميت 4 ڄڻا ٽريڪٽر خريد ڪرڻ لاءِ 22 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سمنڊ جون ويرون چڙهي اچڻ ڪري ڪيٽي بندر جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ پاڻي داخل

چوهڙ جمالي (رپورٽر) تيز هوائن لڳڻ سبب ڪيٽي بندر جي حجامڙو ڪريڪ تي ڪافي ڳوٺن ۾ سمنڊ جون ويرون چڙهڻ ڪري سمنڊ جو کارو پاڻي گهرن داخل ٿي ويو آهيپٽي پاسي ڳاڙهو ويجهو ڳوٺ حيات جت کي ڏنل بچاءَ بند ٽٽڻ ڪري کارو ڳوٺ ۾ سمنڊ جو پاڻي داخل ٿي ويو آهي. ڳهارو ٻڏڻ لاءِ ڳوٺاڻا پنهنجي مدد تحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار اڪنامڪ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

نوشهروفيروز ۾ ورلڊ بلڊ ڊونر ڊي جي موقعي تي سول اسپتال پاران رت جي عطيي جي ڪئمپ

افتتاح چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر محمد صفرچند ڪيو، 50 نوجوانن پاران رت جو عطيو ڏنو ويو

سول سوسائٽي تنظيمن انتظاميه جا شڪر گذار آهيون جن انسانذات جي ڀلائي لاءِ رت جو عطيو ڏنو آهي

ڪاظم رضا ميمڻ، علي نواز سولنگي، غلام نبي تگڙ، گل حيدر لاڙڪ، علي اصغرچند ۽ ٻين طرفان ڊونر ڏنا ويا

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ورلڊ بلڊ ڊونر ڊي جي موقعي تي سول اسپتال نوشهروفيروز پاران مفت رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن جو افتتاح چيف ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر محمد صفر چند ڪيو جڏهن ته سول سوسائٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: مفت رت عطيو ڪرڻ واري ڪئمپ جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

سکر ڏيها ڳوٺ جي
رهواسين پاران ڪيس نه
داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

سکر رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) ڏيها ڳوٺ جي رهواسين مهر برادري جي ماڻهن ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف سول اسپتال سکر اڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي شينهن مهر رحمت الله امان الله مهر ۽ ٻين چيو آهي ته 2 ڏينهن اڳ پنهنجي برادري جي ماڻهن اسان جي زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران مزاحمت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر جي بس ٽرمينل لڳ ڳوٺ ڳٺڳ واهه جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

شر برادري جي مردن ۽ عورتن ٻارن سميت سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس نوجوان کي ڪار ۾ کڻي وڃڻ بعد ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو آهي:مظاهرين

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي بس ٽرمينل لڳ ڳوٺ ڳٺڳ واهه جي رهواسي شر برادري جي مردن ۽ عورتن ٻارن سميت سکر پريس ڪلب آڏو پوليس جي ناانصافين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سکر پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي.ان موقعي تي شهباز ڏنوشر، اشرف، شڪيل احمد، مسمات رخسانه، مسمات پاڳل شر ۽ ٻين ٻڌايو ته 5 ڏينهن اڳ ٿاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نئون ديرو لڳ ڳوٺ ٻاجهي گوپانگ ۾ قتل ڪيل محمد مراد جي وارثن پاران احتجاج

مقتول جي زال زرينا گوپانگ، ڀيڻ ضميران ۽ پٽ شڪيل گوپانگ پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو

جوابدار اسان کي ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

مراد گوپانگ جي قتل ۾ ملوث ٻين 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي: ڳالهيون

نئون ديرو(رپورٽر) نئون ديرو لڳ ڳوٺ ٻاجهي گوپانگ ۾ جڳهه ماسري تان 15 ڏينهن اڳ قتل ڪيل محمد مراد گوپانگ جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف مقتول جي وارثن احتجاج ڪيو، مقتول جي زال زرينا گوپانگ، ڀيڻ ضميران ۽ پٽ شڪيل گوپانگ پريس ڪلب پهچي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين ڳالهائيندي چيو ته نئون ديرو پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نئون ديرو: ڳوٺ ٻاجهي گوپانگ واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سرحد مان گيس جي کوهه
جو چوڪيدار گم ٿي ويو،
وارث سخت پريشان

گهوٽڪي(رپورٽر) سرحد مان گيس جي کوهه جو چوڪيدار گم ٿي ويو وارث سخت پريشان اغوا جو شڪ ظاهر، پوليس اين سي داخل ڪري ورتي، خبرموجب سرحد ٻائي پاس پرسان او جي ڊي سي ايل جي گيس واري کوهه تي چوڪيداري ڪندڙ ڳوٺ بنگل خان لولائي واسي محمود لولائي ولد حبيب الله لولائي ڊيوٽي تي ويو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

رحيم داد خان مولائي شيدائي لائبريري ۾ پڙهندڙ نوجوان سي ايس ايس ۾ پوزيشن ماڻي ورتي

سکرواسي نوجوان روهت ڪمار سي ايس ايس جي امتحان ۾ شهري سنڌ ۾ پهرين پوزيشن ماڻي ورتي

ڊائريڪٽر ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ امتياز علي ميمڻ پاران نوجوان روهت ڪمار مان ۾ تقريب ڪرائي وئي

روهت ڪمار جي سي ايس ايس جي امتحان ۾ ڪاميابي سکر جي نوجوانن لاءِ فخر جي ڳالهه آهي: امتياز علي ميمڻ

سکر(رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) رحيم دادخان مولائي شيدائي لائبريري سکر جو پڙهندڙ سکر واسي نوجوان روهت ڪمار سي ايس ايس جي امتحان ۾ شهري سنڌ ۾ پهرين پوزيشن ماڻي ورتي جڏهن ته ڊائريڪٽر ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ امتياز علي ميمڻ پاران سنڌس مان ۾ تقريب ڪرائي وئي تقريب ۾ سينئر صحافي ۽ آرٽس ڪائونسل سکر جي صدر ممتاز بخاري ۽ سول سوسائٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ تاج محمد ملاح پاران رليف ڪيمپن جو دورو

سيرائي ۽ پڳڙا ميمڻ سميت مختلف رليف ڪيمپن جو دورو ڪري ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون

صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو پنهنجي هٿن سان رليف ڪيمپن ۾ ترسيل ماڻهن ۾ ماني پڻ ورهائي

سنڌ حڪومت طرفان ڪيمپن ۾ موجود ماڻهن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن: ميڊيا سان ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صوبائي وزير سنڌ جامعات بورڊ ۽ ماحوليات محمد اسماعيل راهو، ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان ۽ ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح سان گڏجي سيرائي ۽ پڳڙا ميمڻ سميت مختلف رليف ڪيمپن جو دورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين: صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ۽ ٻيا رليف ڪئمپ جو جائزو وٺي رهيا آهن

ڄامشورو سيد آباد واسي
ٽيڪسي ڊرائيور جو پٽ
پراسرار نموني گم ٿي ويو

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڄامشورو سيد آباد واسي ٽيڪسي ڊرائيور اشرف علي انڙ جو 14 سالا پٽ جوئين ڪلاس جو شاگرد حيدار علي انڙ گذريل ڏينهن اڱاري 13 جون کان پراسرار نموني گهر کان نڪري لاپتا ٿي ويو آهي، ڪافي ڳولها باوجود ناهي ملي سگهيو، ان حوالي سان گم ٿيل ٽينگر جي مامي غلام شبير انڙ ٻڌايو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو شهر ۾ سيپڪو انتظاميه جون زيادتيون وڌي ويون، پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ، ڪاروبار تباهه

بجلي صارفين سان زيادتين خلاف دادو ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جو هنگامي اجلاس منعقد ڪيو ويو

سخت گرمي باوجود واپڊا سيپڪو پاران هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم نه ڪئي وئي ته احتجاج سان گڏ شهر ۾ شٽربند هڙتال جو سڏ ڏينداسين :اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر ۾ سيپڪو انتظاميه جون زيادتيون وڌي ويون 16کان 18 ڪلاڪ هٿرادو لوڊشيڊنگ سخت گرمي ۾ ٻار بزرگ مسلسل بجلي نه هجڻ سبب سخت گرمي ۾ بيمار بجلي جي اڻ اعلانيل هٿرادو لوڊ شيڊنگ ڪري پيئڻ جي پاڻي کوٽ ڪاروبار تباهه واپڊا سيپڪو دادو پاران بجلي صارفين سان زيادتين خلاف دادو ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان مان قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر کي ڪنهي کڻي گم ڪرڻ جي خلاف جسقم آريسر احتجاج ڪيو

قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر کي حراست ۾ وٺي تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي:الزام

عبدالخالق ۽ روشن ٺاڪر کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج ڪرڻ سان گڏ شٽر بند هڙتال ڪئي ويندي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان مان قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر کي ڪنهي کڻي گم ڪرڻ جي خلاف جسقم آريسر جو احتجاجي جلوس ، مظاهرو ، ڌرڻو ، ٽنڊو محمد خان قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر 17 ڏينهن اڳ ڪنهي کڻي گم ڪرڻ جي واقعي خلاف جسقم آريسر گروپ جي طرفان ڪارڪنن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

RELEASE
ROSHAN THAKUR
ٽنڊو محمد خان: قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ٺاڪر جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوابشاهه جي ڪيبل آپريٽرن
پاران پيمرا جي زيادتين خلاف
احتجاجي مظاهرو

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه جي ڪيبل آپريٽر پيمرا جي زيادتين خلاف نوابشاهه پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ان هائوس چينل ختم ڪرڻ جو مطالبو خبر موجب نوابشاهه جي ڪيبل آپريٽرن جي تنظيم اي اي ڪيبل آپريٽرز پاران منير احمد ڪوڪر، سليم مستوئي، عبدالخالق قريشي، محمد علي آرائين، محمد بخش،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اديب، ڪالم نگار، محقق ۽ سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي جي پنجين ڪتاب جي مهورت

رونمائي تقريب ماڊرن انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالوجي نوشهرو فيروز ۾ منعقد ڪئي وئي

مهورتي تقريب ۾ آيل مهمانن پروفيسر اصغرپريائي، ڊاڪٽر خادم علي مگريو،ڊاڪٽر نادر علي شريڪ

اعجاز ممنائي هر ڏکئي ڪم کي پنهنجي سرتي کڻي سماج جي سڌاري لاءِ اڳيان وڌيو آهي: ساجاهه وند

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز جي ناموراديب، ڪالم نگار، محقق ۽ سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي جي پنجين ڪتاب "عالم جا اهڃ" حصو پهرين جي رونمائي تقريب ماڊرن انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالوجي نوشهرو فيروز ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اديبن شاعرن سماجي ۽ علمي دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي رونمائي تقريب جي صدارت بزرگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

وارهه لڳ ڳوٺ جهان خان چولياڻي ۾ ڳيرو نوجوان جو ڳلو ڪپيل لاش هٿ

محمد يامين ولد محمد امين چولياڻي جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

ننڊ مان اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي ته خبر پئي ته نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي:وارث

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه لڳ ڳوٺ جهان خان چولياڻي ۾ ڳيرو نوجوان جو ڳلو ڪپيل لاش هٿ 20 سالا نوجوان محمد يامين ولد محمد امين چولياڻي پنهنجي گهر اندر پراسرار نموني قتل وارث لاش کڻائي تعلقه اسپتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو پوليس منشيات جي خلاف وڏو ڪريڪ ڊائون، منشيات جا ڊيلر گرفتار

وڏا منشيات جي ڊيلر گرفتار ڪيا آهن منشيات جا 370 ڪيس داخل ڪيا

ڪاروائي دوران 750 ڪلو گٽڪو23 ڪلو چرس 126 گرام هيروئن هٿ ڪئي وئي

دادو(ن سنڌيار) دادو پوليس منشيات جي خلاف وڏو ڪريڪ ڊائون ڪيو آهي هڪ اندازي موجب پوليس وڏي ڪاروائي ڪئي آهي ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو چيو ته دادو پوليس وڏا منشيات جي ڊيلر گرفتار ڪيا آهن منشيات جا 370/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو: ايس ايس پي ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني جي رهواسي پيرسن پاران جوابدار خلاف احتجاج

پيرسن شمس الرحمان سنڌس نوجوان پٽ جي حادثي ۾ زخمي ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

غريب مسڪين پورهيت خاندان سان تعلق هجڻ ڪري سنڌس علاج ڪرائڻ لاءِ پريشان آهيان: پيرسن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني جي رهواسي پيرسن شمس الرحمان سنڌس نوجوان پٽ جي حادثي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

مبارڪپور ٿاڻي تي مقرر نئين ايس ايڇ او کي چورن جي سلامي، موٽرسائيڪل چوري

نامعلوم چور نڪرانو مبارڪپور لنڪ روڊ وٽان نئين سي ڊي موٽرسائيڪل چوري ڪري ويا

زمين گهمڻ ويس ته نامعلوم چور ڏينهن ڏٺي جو موٽرسائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا: عبدالخالق مهتم

نڪرانو (رپورٽر سنڌيار) مبارڪپور ٿاڻي تي مقرر نئين ايس ايڇ او کي چورن جي سلامي نڪراني مان شهري جي موٽرسائيڪل چوري پوليس رپورٽ درج ڪري ڇڏي متاثر پاران ايس ايس پي سکر کان چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

پ پ پ اڳواڻ نثار محمد مراد پتو جي فريال ٽالپر سان ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

سينيئر نائب صدر نثار محمد مراد پتو ۽ ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو جي چيئرمين ملاقات ڪئي

پ پ ليڊيز ونگ لاڙڪاڻي ڊويزن جي صدر ايم پي اي پروين بشير قائمخاني سان ملاقات ڪئي

نئون ديرو (شاد محمود پتو) پاڪستان پيپلزپارٽي لاڙڪاڻو جي سينيئر نائب صدر نثار محمد مراد پتو ۽ ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نئون ديرو: پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر سان پارٽي اڳواڻ ملاقات ڪري رهيا آهن

بدين ۾ ڪورواهه جي چونڊيل ڪائونسلر جو بااثر ماڻهن خلاف احتجاجي مظاهرو

بدامني چورين ڦرن ۽ ٻين ڏوهن خلاف آواز اٿارڻ تي هڪ بااثر پروپيگنڊا ڪئي: ڪائونسلر

غلط ۽ بي بنياد ڳالهيون پکيڙي مون کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن: ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ڪورواهه جي چونڊيل ڪائونسلر جو بااثر ماڻهن خلاف احتجاج ڪائونسلر ڪريم بخش مگنهار احتجاج ڪندي چيو آهي ته آئون چونڊيل ڪائونسلر آهيان ڪورواهه شهر ۽ آس پاس وارن علائقن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جيئي سنڌ تحريڪ سکر جي ڪارڪنن پاران سورهيه سنڌي جي بازيابي لاءِ احتجاج

سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري مظاهرو ۽ ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

سنڌ جا سمورا ڪارڪن پرامن جدوجهد ۾ يقين رکن ٿا، رياستي جبر جهڪائي نٿو سگهي: اڳواڻ

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) جيئي سنڌ تحريڪ سکر ضلعي جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي چيئرمين سورهيه سنڌي جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري مظاهرو ۽ ريلي ڪڍي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سنڌو ديش مقدر آ
جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي چيئرمين سورهيه سنڌي کي
رياستي ادارن هٿان بازياب ڪرايو
پاران: جيئي سنڌ تحريڪ سکر
سکر: جسٽ چيئرمين سورهيه سنڌي جي آزادي لاءِ ڪارڪن احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ موجودا دور جا اديب ڪردار ادا ڪن پيا: امير احمد

شاعريءَ ۾ سماج جي برائين کي نروار ڪرڻ ۽ مظلوم ماڻهن جي دردن جو بيان ڏنو وڃي ٿو

سچل پٽي سردار پيرزادي ڄام سعيد دلبر پتو شاهنواز ابڙي ۽ عبدالرحمان گڏاٽي تنقيدي رايا ڏنا

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ موجودا دور جا اديب پنهنجو ڪردار ادا ڪن پيا. شاعري ۾ رڌم ۽ فني ضرورتون لازمي هجڻ کپن .اهڙو اظهار امير احمد تنيي سنڌي سنگت شاخ سکر جي هفتيوار دستوري گڏجاڻي جي صدارت ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پڊعيدن واسي 3 نوجوان ڳڙهي ياسين واري علائقي مان مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج

ڳوٺ ڏگيجا واسي 3 نوجوان سوشل ميڊيا تي لڳل سستي ٽريڪٽر جي آسري تي ڦاٿا

2 ون ٽو فائيو موٽرسائيڪلن تي 22 لک ڪيش کڻي ٽريڪٽر خريد ڪرڻ لاءِ نڪتا هئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) پڊعيدن واسي 3 نوجوان ڳڙهي ياسين واري علائقي مان مبينا اغوا وارثن پاران مغوين جي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو پڊعيدن لڳ ڳوٺ ڏگيجا واسي 3 نوجوان سوشل ميڊيا تي لڳل سستي ٽريڪٽر جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئون ديرو ۾ غوثيه جماعت سهروردي رح جو مريد فقير نظام الدين پتو لاڏاڻو ڪري ويو

نظام الدين پتو 60 ورهين جي ڄمار ۾ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ کانپوءِ دم ڏئي حوالي ڪيو

حسام الدين پتو، ضمير حسين پتو،فقير شاد محمود پتو،عبدالحميد جروار،محمد بخش شريڪ ٿيا

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پتو)نئون ديرو جو رهواسي سيٺ گلزار پتو جو ڀائيجو ڪمدار محمد پريل پتو جو ڀائٽيو، رضوان علي پتو جو والد ،دلشاد علي پتو جو ڀاءُ، غوثيه جماعت سهروردي رح جو مريد فقير نظام الدين پتو 60 ورهين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نئون ديرو: غوثيه جماعت سهروردي رح جي فقير نظام الدين پتو جو آخري ديدار ڪيو پيو وڃي

اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊڪوٽ پاران عوامي شڪايتن تي ڪرياڻ جي دوڪانن ڇاپا، ڏنڊ وصول

ٽيهه کان وڌيڪ دوڪاندارن کي لسٽن تي مقرر اگهن کان وڌيڪ وٺڻ تي مٿن ڏنڊ وجهي چالان ڪيو

ڪارروائي دوران ٽي اسپتالون ۽ ميڊيڪل سيل ڪري ڇڏيا ڪيترائي ڊاڪٽر ڪلينڪون ڇڏي فرار ٿي ويا

اسسٽنٽ ڪمشنر ڪرياناءِ فروٽ جي مختلف ريڙهين وارن کان هزارين روپيه ڏنڊ وجهي چالان ناهي ڏنو

غوثپور(عبدالنبي ملڪ) غوثپور اسسٽنٽ ڪمشنر ڪنڊڪوٽ رانا صوفيان بابر عوامي شڪايتن تي شهر جي ڪرياڻ جي دوڪانن تي اوچتو ڇاپا هنيا ٽيهه کان وڌيڪ دوڪاندارن کي لسٽن تي مقرر اگهن کان وڌيڪ وٺڻ تي مٿن ڏنڊ وجهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

غوثپور: اي سي رانا صوفيان عوامي شڪايتن تي دڪان جي لسٽ چيڪ ڪري رهيو آهي

ايس ايس پي شڪارپور سردارن،
جاگيردارن ۽ زميندارن کي
هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ ضلعي جي سمورن سردارن، جاگيردارن ۽ زميندارن کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون. ايس ايس پي شڪارپور امجد احمد شيخ ضلعي جي سمورن سردارن، زميندارن، جاگيردارن ۽ زمين جي مالڪن کي حڪم جاري ڪندي چيو آهي ته جيڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي چيئرمين جي گرفتاري خلاف احتجاج

مرڪزي چيئرمين سورهيه سنڌي کي ڪنهي کڻي گم ڪرڻ خلاف ڪارڪنن مظاهرو ڪيو

سورهيه سنڌي سنڌ جو هڪ اڏڙ حلالي پٽ آهي جيڪو دشمن کي للڪاريندو رهي ٿو:مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي چيئرمين سورهيه سنڌي کي ڪنهي کڻي گم ڪرڻ خلاف جيئي سنڌ تحريڪ ٽنڊو محمد خان پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو . مظاهري کي خطاب ڪندي عرس ملاح , معشوق ملاح ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سورهيه سنڌي سنڌ جو هڪ اڏڙ حلالي پٽ آهي جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽي جي ساحلي پٽي ڪيٽي بندر ۾ سامونڊي طوفان سبب لڏپلاڻ جاري، اڳواڻن پاران دورا

ڪيٽي بندر، ڪاروڇاڻ ۽ جوهو شهر سميت لڳندڙ ڳوٺن کي مڪمل طور خالي ڪرايو ويو

تڪ جي چونڊيل ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري پ پ پ اڳواڻ عاشق حسين دورا ڪيا

هيڊڪوارٽر مڪلي سميت مختلف علائقن ۾ امدادي ڪيمپون پڻ قائم ڪيون ويون آهن: عملدار

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي جي ساحلي پٽي ڪيٽي بندر ۾ سامونڊي طوفان بپرجوائي جي خطري کي نظر ۾ رکندي ضلعي ٺٽي جي ساحلي شهرن خاص ڪري ڪيٽي بندر، ڪاروڇاڻ ۽ جوهو شهر سميت لڳندڙ ڳوٺن کي مڪمل طور خالي ڪرايو ويو آهي. جڏهن ته ماڻهن کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي، تڪ جي چونڊيل ايم پي اي حاجي علي حسن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: ساحلي پٽي واسي لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن

نواب شاهه ۾ اٺهٺ موري پريس
ڪلب اڳيان ملڪ برادري جي
مردن جو احتجاج

نواب شاهه (رپورٽر) اٺهٺ موري پريس ڪلب اڳيان ملڪ برادري جي مردن عورتن بيواهه مسمات نجمه ملڪ پنهنجي پٽ زين ملڪ ۽ معصوم نياڻي مناهل سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪندي دانهن ڪندي چيو ت منهنجو مڙس وهاب ملڪ پنج سال اڳ فوت ٿي ويو آهي جڏهن ته منهنجي مڙس جي فوت ٿيڻ کانپوءِ منهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

شهدادڪوٽ ۾ شهرين جي شڪايت تي اي سي پاران پيٽرول پمپن تي ڇاپا، هڪ پمپ سيل

دوست علي روڊ تي زوهيب کهاوڙ پيٽرول پمپ جي ماپ پوري نه هجڻ ڪري 30 هزار ڏنڊ هنيو ويو

اي سي قائم سن شاهين پيٽرول پمپ سرڪاري قيميت کان وڌيڪ رقم وٺڻ تي 10 هزار ڏنڊ وڌو

شهرين شڪايت ڪئي ته شهر ۾ پيٽرول پمپن تي ريٽ سرڪاري اگهه کان وڌيڪ ورتو پيو وڃي:اي سي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ شهرين جي شڪايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر شهدادڪوٽ عبدالقادر مشوري جو پيٽرول پمپن تي ڇاپا، ماپ پوري نه هجڻ ۽ مقرر قيمت کان وڌيڪ قيمت وصول ڪرڻ تي شهر جي چئن پيٽرول پمپ تي مجموعي طور 1 لک 5هزار روپيه ڏنڊ هڻي سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا ۽ هڪ پمپ کي سيل ڪري ڇڏيو شهر جي خضدار چوڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران اجمل ساوند جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

پروفيسر اجمل ساوند ۽ صدام لاشاري جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف مظاهرو ڪيو ويو

محمد علي شيخ، نومي سنڌي، استاد امداد پيو ۽ ٻين اڳواڻن پاران مغوين جي بازيابي جو مطالبو

پروفيسر اجمل ساوند ۽ ٺل واسي نوجوان صدام لاشاري جا قاتل اڃائين گرفتار ناهن ٿيا :مظاهرين جو الزام

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي سکر جي سکر، سنگرار ۽ روهڙي جي باشعور ماڻهن ۽ ڪارڪنن پاران پريا ڪماري راڄڪمار جي عدم بازيابي پروفيسر اجمل ساوند ۽ صدام لاشاري جي قاتلن جي عدم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر: ايس ٽي پي ڪارڪن پروفيسر اجمل ساوند جي قاتلن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گهوٽڪي ۾ اسٽيشن کان
بازار تائين ٽف ٽائيل ۽ پيا
ڪم رولڙي جو شڪار

گهوٽڪي (رپورٽر)اٽڪل 3 مهينا اڳ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ورڪس طرفان گهوٽڪي شهر ۾ شروع ڪرايل ترقياتي ڪم جيڪي AC محسن امتياز ۽ TMO قمر زمان انڏڙ جي نگراني ۾ شروع ڪرايل مختلف ڪم جنهن ۾ ٽف ٽائل ماٿيلو روڊ کان شهر تائين ۽ ٽاٿي جي پلين پاسي نيڪال جو نالو ۽ اسٽيشن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو پبلڪ هيلٿ ۽ ميونسپل ڪاميٽي جي لاپرواهي سبب مهيني کان پيئڻ جو پاڻي بند

شاهي بازار،چاڙهو شاهه آباد،مرڪپور،ريشم گلي،نيو چوڪ،مڇي مارڪيٽ،مزدور آباد ۾ پاڻي جي کوٽ

جڳت آباد، ايڪسائيز روڊ، سول اسپتال روڊ، اسٽيشن روڊ،ٽي بي اسپتال روڊ، سيد واڏن شاهه ۾ پاڻي نه پهتو

ورڪشاپ ڪالوني، نجم ڪالوني، مجيد ڪالوني، ملاح چونڪ سميت دادو شهر جي 100 کان وڌيڪ پاڙا متاثر

دادو (ن سنڌيار) دادو پبلڪ هيلٿ ۽ دادو ميونسپل ڪاميٽي جو دادو شهر جي 5 لک آبادي جو گذريل هڪ مهيني کان پيئڻ جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو.شهري سخت گرمي ۾ پيئڻ جي پاڻي لاءِ تڙپڻ لڳا.دادو شهر جي شاهي بازار،چاڙهو شاهه آباد،مرڪپور،ريشم گلي،نيو چوڪ،مڇي مارڪيٽ،مزدور آباد،شاهاڻي محلا، جڳت آباد، ايڪسائيز روڊ، سول اسپتال روڊ، اسٽيشن روڊ،ٽي بي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان ۾ تيز طوفاني برسات کان اڳ ئي گٽرن جي پاڻي شهرين کي پريشان ڪري ڇڏيو

گٽرن جو پاڻي مان شهري گهرن ڏانهن اچ وڃ ڪرڻ تي مجبور، شهري روڊن تي نڪري آيا، احتجاج

مير پاڙي ، سومرا پاڙي ، نصير آباد ، ڀرائي پاڙي ، ٽالپر ڪالوني ، پيپلز ڪالوني ۽ ٻين ڪالونين ۾ آزار

ضلعي ۽ ميونسپل انتظاميه جي نااهلي جو اعلى اختيارين کان فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ تيز طوفاني برسات کان اڳ ئي گٽرن جي پاڻي شهر کي متاثر ڪري ڇڏيو . گٽرن جو پاڻي مان شهري گهرن ڏانهن اچ وڃ ڪرڻ تي مجبور . شهرين جا احتجاجي مظاهرا . ڊرٽا . خبر موجب ٽنڊو محمد خان شهر ۾ تيز طوفاني برسات کان اڳ ئي شهر جي مير پاڙي ، سومرا پاڙي ، نصير آباد ، ڀرائي پاڙي ، ٽالپر ڪالوني ، پيپلز ڪالوني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان: سومرا پاڙي واسي احتجاج ڪري رهيا آهن، ٻئي پاسي گٽرن جو پاڻي بيٺل آهن

ٽري ميرواهه ٿاڻي جي حد
ڳوٺ يار محمد لغاري ۾
بدامني جي باهه ڀڙڪيل

ٽري ميرواهه (رپورٽر)ٽري ميرواهه ٿاڻي جي حد ڳوٺ يارمحمد لغاري ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪي اٿي چورين روز جو معمول بڻيل چورين جي آزار خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج احتجاج ڪندي ڳوٺاڻن عبدالواحد لغاري ،محمد سليمان لغاري ،اسدالله لغاري ۽ ٻين چيو ته اسان جي ڳوٺ ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪي اٿيو آهي جڏهن ته اسانجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو ۾ برف ڪارخانا يونين اڳواڻن جو سيپڪو خلاف احتجاجي مظاهرو، سپلائي بند ڪرڻ جو چتاءُ

گل حسن شاهي، ظهير ميمڻ، سڪندر لاڪير، اعجاز احمد آرائين، رضا جمالي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

وفاقي حڪومت فيول ٽئڪس جي مد ۾ 36 کان 45 لک روپيه بلن ۾ لڳايا آهن جيڪا زيادتي آهي: مظاهرين

سيپڪو انتظاميا فيول ٽئڪس جي ادائگي نه ڪرڻ تي 13 ڪارخانن جي بجلي بند ڪئي وئي آهي، نوٽيس ورتو وڃي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ برف ڪارخانا يونين اڳواڻن جو سيپڪو خلاف احتجاج، برف سپلائي بند ڪرڻ جو چتاءُ پريس ڪانفرنس ڪندي اڳواڻن گل حسن شاهي، ظهير ميمڻ، سڪندر لاڪير، اعجاز احمد آرائين، رضا جمالي، بشير احمد جتوئي، رفيق احمد زنئور، محمد عمر جمالي ۽ ٻين چيو ته وفاقي حڪومت فيول ٽئڪس جي مد ۾ 36 کان 45 لک روپيه بلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 15 جون 2023ع

ماڻهن جي محفوظ هنڌن تي منتقليءَ جي رفتار سست ڇو؟

سنڌ تي سامونڊي طوفان جي ڌڪاءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن. سڄي سنڌ غير يقينيءَ جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهي. ڪنهن بہ پل ڇا ٿئي، ڪنهن کي ڪا بہ پروڙ ڪانهي. ماڻهن کي سوين قسم جا هينئڙي هول آهن. ماڻهن جي سامونڊي پٽيءَ وارن علائقن مان لڏ پلاڻ جاري آهي. انتظاميا بہ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري رهي آهي، پر اهو تعداد ايترو گهڻو ناهي. سنڌ جي وڏي وزير جو چوڻ آهي تہ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو حل نہ آهي. پر ماڻهو پنهنجا اجها ڇڏڻ لاءِ انتظاميا سان تعاون نٿا ڪن.

سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ سمنڊ جي سطح ۾ واڌ ٿي رهي آهي. نہ صرف سمنڊ جي سطح وڌي رهي آهي، پر اها سطح وڌڻ سان ماڻهن جي خوف جي سطح بہ وڌي رهي آهي. هن ڀيري انتظاميا جي سرگرمي بہ نظر اچي ٿي پر ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ واري رفتار سست آهي. ماڻهو سرڪاري ڪئمپن ۾ منتقل ٿيڻ کان گهڻي ڀاڱي انڪار ڪن ٿا. ۽ سندن اصرار اهو آهي تہ حڪومت کين ٽرانسپورٽ جي سهولت مهيا ڪري تہ اهي پنهنجن مائٽن رشتيدارن وٽ محفوظ هنڌن تي هليا ويندا. پر انتظاميا بضد آهي تہ انهن ماڻهن کي سرڪاري ڪئمپن ۾ ئي رهڻو پوندو. جيئن انتظاميا جي گلشن جو 'ڪاروبار' هلي سگهي. سرڪاري ڪئمپن ۾ ماڻهن جي رهڻ کان انڪار جو بہ هڪ سبب آهي. اهي ماڻهو، جيڪي مسلسل آفتن مان گذرندا رهيا آهن، اهي پنهنجي تجربي جي آڌار انڪار ڪن ٿا. جنهن جو سبب اهو آهي تہ سرڪاري ڪئمپن ۾ سهولتون گهٽ هونديون آهن. جتي انهن متاثر ماڻهن کي غير انساني حالتن ۾ واڙيو ويندو آهي. ماڻهن کي سرڪاري طرح ٽرانسپورٽ جون سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ حڪومت کي آخر ڪهڙو اعتراض آهي؟ گهڻي کان گهڻا ماڻهو ڪئمپن ۾ منتقل ڪري حڪومت ان کي بہ عالمي ادارن يا دنيا جي ملڪن کان "ڪشڪولي ڪرت" لاءِ استعمال ڪندي؟ پڙهندڙن کي ياد هوندو تہ جڏهن تازو برساتي ٻوڏ ۾ خيرپور ناٿن شاهہ ٻڏو هو/ٻوڙيو ويو هو تہ مهينن تائين اتان برساتي پاڻي رڳوان ڪري نہ ڪڍيو ويو. جيئن عالمي ادارا ۽ ڊونر ايجنسيون اها تباهي پاڻ اچي ڏسن تہ جيئن پئسن جي پالوٽ جو نئون جهان نهي پوي.

موسمي تبديلين سبب هي ملڪ تمام گهڻو متاثر ٿي رهيو آهي. زلزلا هجن يا سامونڊي طوفان، سمورين قدرتي آفتن جو منهن هن ملڪ ڏانهن آهي. اڃان سامونڊي طوفان 'بائپر جواءِ' پنڌ ۾ آهي تہ ان کان اڳ ئي پُونءِ... ڪنب هن ملڪ کي ڌوڏي ڇڏيو آهي. ڪالهہ اسلام آباد، لاهور ۽ پشاور سميت مختلف شهرن ۾ ڌرتي ڌٻي آهي، ريڪٽر اسڪيل تي جنهن جي شدت 5.6 هئي. اهو سڀ ڪجهہ موسمي تبديليءَ سبب آهي. اسان وٽ ماحوليات جي حوالي سان جيڪي بہ پراجيڪٽ شروع ٿين ٿا، انهن جو وجود گهڻو ڪري ڪاغذن ۾ ئي هوندو آهي. عمران خان پنهنجي حڪومت ۾ جيڪو "بلين ٽري" منصوبو شروع ڪيو هو، ڪيڏانهن ويا اهي هڪ ارب وڻ؟! دنيا موسمي تبديلين سبب بدلجندڙ حالتن سان پاڻ کي نهڪائي زندگي گذارڻ جا گس ڳولي رهي آهي، پر اسان ايتري تباهيءَ جي باوجود بہ صورتحال جي سنگيني محسوس ڪرڻ جي لاءِ تيار ئي نہ آهيون. ان ڪري ئي ڪڏهن زلزلن کي تہ وري ڪڏهن سامونڊي طوفانن کي ڀوڳي رهيا آهيون. اين جي ايم اي جو چيئرمين چوي ٿو تہ سامونڊي پٽيءَ مان هڪ لک ماڻهن کي منتقل ڪرڻو آهي. جڏهن تہ هي سٽون لکجڻ تائين سنڌ انتظاميا پاران 38 هزار ماڻهن جي محفوظ هنڌن تي منتقليءَ جون خبرون سامهون آيون آهن. انهن انگن اکرن کي صحيح بہ ڪٿي مڃجي ۽ اهو بہ ڪٿي فرض ڪري وٺجي تہ وڌيڪ ڏهہ ٻارنهن هزار ماڻهو اڄ تائين محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيا ويا هجن تہ بہ اهو تعداد چڪي ٿاتي 50 هزار ٿئي ٿو. باقي 50 هزار ماڻهن جو ڇا ٿيندو؟ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انگن اکرن جي راند ۾ پوڻ بدران ماڻهن جون حياتيون بچايون وڃن. جيڪي ماڻهو ڪئمپن ۾ رهڻ نٿا چاهين، انهن کي سرڪاري طرح ٽرانسپورٽ مهيا ڪئي وڃي تہ اهي پنهنجي مرضيءَ سان محفوظ هنڌن تي منتقل ٿي وڃن.

بقايا ❊❊❊ 01

جو اجلاس ٿيو ذريعن موجب، جڊيشل ڪميشن پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مسرت هلالي کي سُپريم ڪورٽ جو جج مقرر ڪرڻ جي متفقہ منظوري ڏئي ڇڏي. جسٽس مسرت هلالي خيبرپختونخوا مان سُپريم ڪورٽ جي جج بڻجندڙ پهرين عورت جج هوندي. صدر طرفان ان جي منظوري بعد سُپريم ڪورٽ ۾ ججن جو انگ 16 ٿي ويندو. ياد رهي تہ سُپريم ڪورٽ جي سينيئر ترين جج قاضي فائز عيسيٰ جسٽس مسرت هلالي جو نالو تجويز ڪيو هو.

بقايا ❊❊❊ 02

اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شيري رحمان چيو تہ سياڻي يارنهن وڳي سامونڊي طوفان ڪيٽي بندر سان ٽڪرائيندو تنهنڪري ماڻهن کي اپيل آهي تہ عوام انتظاميا سان سهڪار ڪري. پيٽروليگ ريلف ۽ ريسڪيو لاءِ سمورا ادارا متحرڪ آهن ۽ 66 هزار ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي. وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي تہ طوفان سبب اڄ ننڍن جهازن کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ طوفان جي ويجهو پهچندي ئي ڪمرشل فلائٽس کي بہ روڪيو ويندو هن اپيل ڪئي تہ ماڻهو سامونڊي پٽي وارن علائقن طرف طوفان ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا آهن، مهرباني ڪري هي ڊيزاسٽر ٽورازم بند ڪريو سندس چوڻ هو تہ مهرباني ڪري عوام ٽڪ ٽاڪ ٺاهڻ لاءِ سامونڊي علائقن ڏانهن نہ وڃن. بار بار شڪايتون ملي رهيون آهن. عوام کي هر هر روڪي رهيا آهيون.

بقايا ❊❊❊ 03

ڪان پري وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. موسميات کاتي موجب ڪراچي کان طوفان جو فاصلو 340 ڪلوميٽر مان وڌي 370 ڪلوميٽر ٿي ويو آهي، جڏهن تہ ڪيٽي بندر کان طوفان جو فاصلو 275 ڪلوميٽر مان وڌي 290 ڪلوميٽر ٿي ويو آهي. موسميات کاتي موجب ٻيرجوئي ڪراچي جي ساحلي پٽي سان نہ ٽڪرائبو پر طوفان جو اثر ڏسڻ ۾ ايندو. طوفان سبب هاڪس بي ۾ سمنڊ ۾ چوڙ وڌي ويو آهي، جڏهن تہ مٺوره ڏانهن ويندڙ زميني رستو ٻڏڻ ڪنڄي ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ 04

ڇڏي. سپريم ڪورٽ ۾ ڪراچي جي ميئر جي سڌي چونڊ بابت قانونسازي خلاف جماعت اسلامي ڪراچي جي امير ۽ ميئر جي اميدوار حافظ نعيم الرحمان جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي سنڌ هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو تہ ميئر جي چونڊ جو شيڊول ٻڌڻي سان متاثر نہ ٿيندو سپريم ڪورٽ جماعت اسلامي جي درخواست جي ٻڌڻي 22 جون تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 05

سمورين شرطون قبول ڪري ورتيون آهن ۽ اميد آهي تہ آءِ ايم ايف سان معاهدو ٿي ويندو هن چيو تہ سنڌس بند ٻيل ترقياتي منصوبا اڄ پڄاڻي تي پهچن ٿا، سيپڪو

امپورٽ حڪومت جا ڪوڙ حقيقتن کي دفن ڪري ڇڏيا آهن. اسان بيوقوفيءَ سان ڪا بہ شيءِ خريد نہ ڪئي. روس کان تيل خريد ڪرڻ جا معاملا حل ڪيا. روس کان تيل اچي رهيو آهي. عالمي مارڪيٽ جي پيٽ ۾ 15 ڊالر سستو آهي. وزيراعظم چيو تہ چيئرمين پي ٽي آءِ الزام هنيا. ڪرپشن جو ڪو ثبوت نہ ڏنو. جيڪڏهن پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف ڪيس ڪوڙا آهن تہ پوءِ عدالت وڃي ڪيس بيگناهہ ثابت ڪيو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 06

تہ سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهر ٺاهي رهي آهي. صوبائي وزير چيو تہ وڏي وزير چيو آهي تہ طوفان کان متاثر ساحلي علائقن جي ماڻهن کي گهر ٺاهيا ويندا. هن اهو بہ چيو تہ ڪراچي ۾ هر ٻئي ٽئين مهيني بسون شامل ڪيون وينديون.

بقايا ❊❊❊ 07

جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي خواجا آصف چيو تہ غربت جي خاتمي واري چيئرمين جي پگهار 27 لک رپيا آهي، جڏهن تہ يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي بجيٽ اربين رپين جي آهي. ڏاڙيل قوم کي سيڪاري رهيا آهن. اهي ڏاڙيلن کي سيڪاريندا. هتي وري ڏسو تہ 2018 ۾ ڇا ٿيو ۽ پوءِ چاهہ رسالي ۾ ڇا ٿيو هن چيو تہ عدليہ، بيوروڪريسي ۽ حڪومتي نااهلي جو ڳانڍاپو خراب معاشي صورتحال جو سبب آهي. قومي اسيمبلي جي بلڊنگ ۾ ويٺل ماڻهن کي ٿي رپيو پگهار ملي ٿي، ٽن وزيراعظمن ڪاڏو ۽ دفن نہ ڪيس. ڇا ڪيو؟ عملدرآمد جي تاريخ لاءِ معافي نہ ڏيو. هن چيو تہ جڏهن هڪ شخص اقتدار ۾ آيو تہ رياست کي يرغمال بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پارٽي فوج بہ ڪرنل شير خان شهيد نشان حيدر جي عزت ڪئي پر هن بہ سندس بي عزتي ڪئي ۽ نفرت جو اظهار ڪيو خواجا آصف چيو تہ 9 مئي تي هن ناٽڪ کي پوڙي ڇڏيو هو جيڪڏهن هو استعيفيٰ نہ ڏئي ها تہ اڄ هتي ويٺو هجي ها. هن اسان کي بہ حڪومتون ڏنيون، پرويز الاهي ڪوشش ڪندو رهيو تہ اسيمبلي ٽوڙي نہ وڃي. هن خيبرپختونخواهہ اسيمبلي بہ ٽوڙي ڇڏي. پوءِ استعيفائون واپس وٺڻ لاءِ عدالتن ۾ ويا. هن چيو تہ شهيدن جي يادگار کي ڊاهڻ سان سخت نفرت جو اظهار ڪيو ويو. جي ايچ ڪيو تي پيٽرول بم اڇلايا ويا. دفاعي اثاثن تي حملا ڪيا ويا. 75 سالن ۾ اسان جو ازلي دشمن اهو نہ ڪري سگهيو جيڪو اندروني دشمن ڪيو. هي ناٽڪ ڪير بي ويو. هاڻي چوي ٿو منهنجي خلاف سازش ٿي رهي آهي. هن چيو تہ هڪ شخص چند ماڻهن سان گڏجي رياست کي چيلينج ڪري ٿو. ڇا اسان جي 75 سالن جي تاريخ ۾ ڪنهن رياست کي چيلينج ڪيو آهي. هڪ شخص چئي رهيو آهي تہ سازش آهي، ڇا توهان جون بہ پيٽرون اتي ٻيليون هيون. ڇا اهي بہ ان سازش جو حصو هيون. هن وقت تائين 3200 شرپسندن جي نشاندهي ٿي چڪي آهي. وفاقي وزير چيو تہ بجيٽ ٽرانزيڪشن وارو واقعو آهي. جيڪڏهن ڪجهہ معاملا

ملڪيت. محبت ۽ خوشي

طفيل مگسي

ڪي ماڻهو پنهنجن گناهن کي ڌوئڻ جي لاءِ عبادت ڪن ٿا تہ ڪي وري دنيا و آخرت ۾ سٺي زندگي جا گهرجائو هوندا آهن. ۽ ماڻهن جو نهايت ئي گهٽ انگ خدا جي محبت ۾ گناهن کان توبہ تائب ٿي ڪري سچائي سان عبادت ڪري ٿو. يا رضا جو طالب (گهرجائو) هوندو آهي.

ائين اسان چئي سگهون ٿا تہ سچن جو انگ گهٽ ۽ مفادن وارن جي عبادت ڪرڻ وارن جو انگ وڌيڪ آهي؛ ان سموري قصي جو مجموعي سبب پنهنجي اندر جي ڏکن کي گهٽ ڪرڻ ۽ خوشي کي وڌائڻ آهي؛

ايپي ڪورس جي ويجهو خوشي زندگي جو اهڙو جوهر آهي، جنهن جي ڳولا ۾ انسان زندگي گذاري ڇڏي ٿو؛ اصل ۾ خوشي ئي زندگي جي اصليت آهي.؛ ڏک زندگي جو اهو رخ آهي جيڪو زندگي کي خوش ٿيڻ نٿو ڏيئي؛ خوشيءَ جي حاصلات جي لاءِ ديوتائن جي تخليق ٿي. انهن جي پوڄا پاٺ ڪئي وئي، گناهہ يا ثواب يا نيڪي ۽ بدي جا مشهور تصور جوڙيا ويا. قانونن جي شڪل ۾ هيون ويون ۽ قانون ٿي ڪري الهياتي حڪم بڻجندا ويا. ؛ حڪم مقدس ۽ مقدس پريشانيون بڻجي ويا؛

پريشانين انسان کي اتي پهچائي ڇڏيو. جتان کان هو نڪتو هو يعني خوشي جي ڳولا ۾ نڪتل انسان وري ڏک جي کن ۾ ٻڏي ويو.

ڪانٽ زندگي ۽ عملن کي بي مقصد قرار ڏنو تہ هيگل جواب ۾ وري کي نئين نقطي سان پيش ڪيو. جيڪو پڻ خيالي آئيڊل ازم ۾ وڃي ڪري ڪلي ٿو يعني انسان هنيلو آهي تہ ڪٿي نہ ڪٿي هڪ مطلق فورس ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي؛

ليڪن بدي ۽ خوشي جي بيان ۾ سڀ کان اعلي ڪم سقراط، فلاطينوس ۽ ارسطو ڪيو آهي. سقراط جو شاگرد فلاطينوس هو ۽ فلاطينوس جو شاگرد ارسطو هو.

سقراط جي ويجهو نيڪي هڪ علم آهي ۽ بدحالي جهالت آهي؛

علم ڄاڻ آهي روح جي ۽ بدن جي فعلن جي. ۽ بدي ان جي پيٽ ۾ هڪ اهڙو عمل آهي جيڪا آزادي/ اڪيلائي حقيقت جي باري ۾ ڪجهہ نٿي ڄاڻي؛ ان جي ويجهو علم اڪيلي نيڪي آهي ۽ جهالت اڪيلي برائي آهي. ؛

سندس جي ان تصور کي پسيري ڪري ڏسجي تہ توهان سمجهي ويندو سقراط ڪيترو سچ چيو آهي؛ جيڪو شخص پنهنجي باري ۾ ڄاڻي وٺي ٿو. اهو پنهنجي رستي تي هلي پوي ٿو. جيڪو رستو هڪ عظيم روشني جي تہ ۾ پهچي ڪري ختم ٿيئي ٿو؛ اڳتي وري هڪ نئون سفر شروع ٿيئي ٿو جيڪو سفر روح جي بلندي جو سفر هوندو آهي.

ليڪن خوشيءَ جو بهترين ڪيميائي نسخو ڪارل مارڪس ڪڍي آيو. جيڪو نهايت ئي تحسين جي لائق آهي. ؛ اسان اهو تہ نٿا چئي سگهون تہ انسان ڪڏهن سو سيڪڙو خوش ٿي سگهي ٿو. ليڪن اسان ايترو چئي سگهون ٿا تہ ڪا پريشاني هرنيرون نہ ٿيئي تہ انسان تڪليف ۾ بہ خوش رهڻ جو بندوبست ڪري سگهي ٿو؛ دنيا ۾ ڏک جو سڀ کان وڏو سبب ملڪيت آهي. ؛ ۽ ملڪيت جو تصور ئي اهو اڪيلو سبب آهي. جيڪو ڏکن کي بوجهہ بڻائي ٿو. ؛ اسان انهيءَ شي کي پرکڻ جي لاءِ ٿورو اونهائي ۾ جهاتي پايون ٿا تہ ملڪيت ڪيئن انسان کي ڏک ڏيئي ٿي ۽ هڪ شخص سڄي زندگي ڏينهن رات محنت ڪري سمورين ضرورتون پوريون ڪري ۽ هڪ شخص بينڪ بيلنس حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو؛ عروج تي پهچي ٿو تہ پاڻ هن جي زندگي جي شام سٺي گذري ٿي؛ هاڻي جيڪي ڪجهہ هن محنت سان يا ڪنهن ٻئي وسيلي سان ٺاهيو آهي. ان کي وڃائڻ جو ڏک هن کي پور پور ڪري ڇڏيندو. هو ائين سوچي ڪري ڏڪارو ٿيندو رهندو تہ هن کان پوءِ هن جي ملڪيت ڪٿي ٻارڙا وڃائي نہ ڇڏين. ڪو ڦري نہ وٺي ۽ ڪو ڪسي نہ ڇڏي؛

جيڪڏهن هن اها ملڪيت بدعنواني جي وسيلي ٺاهي تہ ان سان گڏ ئي هن کي اهائي ڳڻتي ماري ڇڏيندي؛ ائين زندگي جنهن کي خوشگوار گيت بڻجي ڪري گذارڻ گهربو هو. ڏک جو هڪ الميو گيت بڻجي ڪري رهجي ويندي.

ملڪيت جي نفي ۾ قرآن بہ سوره تغابن آيات 14 ۽ 15 ۾ چٽي نموني طور تي پنهنجي بيان ۾ منع ڪندي مال. دولت. ٻارڙن ۽ زالن کي فتنو قرار ڏيئي ٿو. انسوره ۾ جيڪو نهايت خوبصورت پيغام آهي اهو هي آهي تہ جنهن زمين. مال ومتاع ۽ انسانن کي انسان پنهنجي ملڪيت سمجهي ٿو. اها اصل ۾ خدا جي ملڪيت آهي. انسان بنا ضرورت جي هڪ بوجهہ کنيون وتي ٿو. جيڪو هن جي لاءِ ڏک جو سبب آهي؛

ملڪيت جي عدم موجودگي ۾ هڪ اهڙو سماج جڙندو. جنهن کي تڪليف تہ ٿي سگهي ٿي. ليڪن ڏک و پريشاني نہ ٿيندي؛ هر انسان پنهنجي ضمير جي عدالت ۾ ڏوهاري نہ هوندو. تڏهن ئي عبادتون اصل محبت ۾ پوئجي ڪري خوشگوار سماج بڻائينديون ۽ انهيءَ سماج جي حاصلات واري جدوجهد جو نالو مارڪسزم آهي.

اَڃا تو منجهان، ڪَکَ ڇُتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڏُون ڪرين؟

ماڻهن جي محفوظ هنڌن تي منتقليءَ ۽ سرڪار جي سستي

شبيرجمالي

سامونڊي طوفان جي وارننگ باوجود
ماڻهن جي محفوظ هنڌن تي منتقليءَ جي رفتار سستي جو شڪار بڻيل آهي

سنڌ تي سامونڊي طوفان جي ڌڪاءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن. سڄي سنڌ غير يقينيءَ جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهي. ڪنهن بہ پل ڇا ٿئي، ڪنهن کي ڪا بہ پروڙ ڪانهي. ماڻهن کي سوين قسم جا هينئڙي هول آهن. ماڻهن جي سامونڊي پٽيءَ وارن علائقن مان لڏ پلاڻ جاري آهي. انتظاميا بہ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري رهي آهي، پر اهو تعداد ايترو گهڻو ناهي. سنڌ جي وڏي وزير جو چوڻ آهي تہ ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو حل نہ آهي. پر ماڻهو پنهنجا اجها ڇڏڻ لاءِ انتظاميا سان تعاون نٿا ڪن.

سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ سمنڊ جي سطح ۾ واڌ ٿي رهي آهي. نہ صرف سمنڊ جي سطح وڌي رهي آهي، پر اها سطح وڌڻ سان ماڻهن جي خوف جي سطح بہ وڌي رهي آهي. هن ڀيري انتظاميا جي سرگرمي بہ نظر اچي ٿي پر ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ واري رفتار سست آهي. ماڻهو سرڪاري ڪئمپن ۾ منتقل ٿيڻ کان گهڻي ڀاڱي انڪار ڪن ٿا. ۽ سندن اصرار اهو آهي تہ حڪومت کين ٽرانسپورٽ جي سهولت مهيا ڪري تہ اهي پنهنجن مائٽن رشتيدارن وٽ محفوظ هنڌن تي هليا ويندا. پر انتظاميا بضد آهي تہ انهن ماڻهن کي سرڪاري ڪئمپن ۾ ئي رهڻو پوندو. جيئن انتظاميا جي گلشن جو 'ڪاروبار' هلي سگهي. سرڪاري ڪئمپن ۾ ماڻهن جي رهڻ کان انڪار جو بہ هڪ سبب آهي. اهي ماڻهو جيڪي مسلسل آفتن مان گذرندا رهيا آهن، اهي پنهنجي تجربي جي آڌار انڪار ڪن ٿا. جنهن جو سبب اهو آهي تہ سرڪاري ڪئمپن ۾ سهولتون گهٽ هونديون آهن. جتي انهن متاثر ماڻهن کي غير انساني حالتن ۾ واڙيو ويندو آهي. ماڻهن کي سرڪاري طرح ٽرانسپورٽ جون سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ حڪومت کي آخر ڪهڙو اعتراض آهي؟ گهڻي کان گهڻا ماڻهو ڪئمپن ۾ منتقل ڪري حڪومت ان کي بہ عالمي ادارن يا دنيا جي ملڪن کان "ڪشڪولي ڪرت" لاءِ استعمال ڪندي؟ پڙهندڙن کي ياد هوندو تہ جڏهن تازو برساتي ٻوڏ ۾ خيرپور ناٿن شاهہ ٻڏو هو/ٻوڙيو ويو هو تہ مهينن تائين اتان برساتي پاڻي رڳوان ڪري نہ ڪڍيو ويو. جيئن عالمي ادارا ۽ ڊونر ايجنسيون اها تباهي پاڻ اچي ڏسن تہ جيئن پئسن جي پالوٽ جو نئون جهان نهي پوي.

موسمي تبديلين سبب هي ملڪ تمام گهڻو متاثر ٿي رهيو آهي. زلزلا هجن يا سامونڊي طوفان، سمورين قدرتي آفتن جو منهن هن ملڪ ڏانهن آهي. اڃان سامونڊي طوفان 'بائپر جواءِ' پنڌ ۾ آهي تہ ان کان اڳ ئي پُونءِ... ڪنب هن ملڪ کي ڌوڏي ڇڏيو آهي. ڪالهہ اسلام آباد، لاهور ۽ پشاور سميت مختلف شهرن ۾ ڌرتي ڌٻي آهي، ريڪٽر اسڪيل تي جنهن جي شدت 5.6 هئي. اهو سڀ ڪجهہ موسمي تبديليءَ سبب آهي. اسان وٽ ماحوليات جي حوالي سان جيڪي بہ پراجيڪٽ شروع ٿين ٿا، انهن جو وجود گهڻو ڪري ڪاغذن ۾ ئي هوندو آهي. عمران خان پنهنجي حڪومت ۾ جيڪو "بلين ٽري" منصوبو شروع ڪيو هو ڪيڏانهن ويا اهي هڪ ارب وڻ؟! دنيا موسمي تبديلين سبب بدلجندڙ حالتن سان پاڻ کي نهڪائي زندگي گذارڻ جا گس ڳولي رهي آهي، پر اسان ايتري تباهيءَ جي باوجود بہ صورتحال جي سنگيني محسوس ڪرڻ جي لاءِ تيار ئي نہ آهيون. ان ڪري ئي ڪڏهن زلزلن کي تہ وري ڪڏهن سامونڊي طوفانن کي ڀوڳي رهيا آهيون. اين جي ايم اي جو چيئرمين چوي ٿو تہ سامونڊي پٽيءَ مان هڪ لک ماڻهن کي منتقل ڪرڻو آهي. جڏهن تہ هي سٽون لکجڻ تائين سنڌ انتظاميا پاران 38 هزار ماڻهن جي محفوظ هنڌن تي منتقليءَ جون خبرون سامهون آيون آهن. انهن انگن اکرن کي صحيح بہ ڪٿي مڃجي ۽ اهو بہ ڪٿي فرض ڪري وٺجي تہ وڌيڪ ڏهہ ٻارنهن هزار ماڻهو اڄ تائين محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيا ويا هجن تہ بہ اهو تعداد چڪي ٿاتي 50 هزار ٿئي ٿو باقي 50 هزار ماڻهن جو ڇا ٿيندو؟ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انگن اکرن جي راند ۾ پوڻ بدران ماڻهن جون حياتيون بچايون وڃن. جيڪي ماڻهو ڪئمپن ۾ رهڻ نٿا چاهين، انهن کي سرڪاري طرح ٽرانسپورٽ مهيا ڪئي وڃي تہ اهي پنهنجي مرضيءَ سان محفوظ هنڌن تي منتقل ٿي وڃن

درست نہ ڪيا ويا تہ معاشي حالتون درست نہ ٿي سگهنديون. اسان وٽ قومي دولت وڌائڻ جا وسيلا آهن. پر قومي دولت وڌائڻ جو عزم ناهي، جڏهن پرائيويٽائيزيشن جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ماڻهو نيب کي نہ سڏڻ کان تنگ ٿي وڃن ٿا. بجاءِ واري وزير چيو تہ ٻاهر انگريزي ڳالهائيندڙ آهن جيڪي چوندا آهن تہ هو پرڏيهي مٽا سٽا تہ موڪليندا پر خليجي ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو پرڏيهي مٽا سٽا موڪليندا آهن. پرڏيهہ مان عرب ملڪن جا ماڻهو پنهنجي عيدن تي ملڪ ۾ اچن ٿا جڏهن تہ انگريزي ڳالهائيندڙ ٻاهرين ملڪ ملڪيتون وٺڻ اچن ٿا.

بقايا ❊❊❊ 08

ناهي آيو پر حفاظتي نقطہ نظر کان بجلي بند ڪرڻي پوندي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خرم دستگير چيو تہ سنڌ جي ساحلي علائقن ۾ 2 هزار اهلڪار بجلي جي ڊسٽري بيوشن ڪمپنين کي موڪلي رهيا آهن. مان ۽ سيڪريٽري پاور شام جو ڪراچي پهچي رهيا آهيون هن چيو تہ ٺٽي، بدين ۽ سڄاول ۾ هوائون زوردار آهن، جڏهن تہ حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني ۾ بہ اهڙي صورتحال ٿي سگهي ٿي، پر اڃا خبر ناهي تہ طوفان جا ڪهڙا اثر پوندا. وفاقي وزير چيو تہ ڪراچي ۾ ايل اين جي ٽرمينل متاثر آهي، پاور پلانٽس کي گئس جي فراهمي بند ٿي وئي آهي ۽ ايل اين جي جي امپورٽ بہ بند ٿي وئي آهي، لوڊشيڊنگ ۾ هڪ ڪلاڪ اضافو ٿيندو. حفاظتي نقطہ نظر کان بجلي بند ڪرڻي پوندي. 15 کان 18 جون، جيئن تہ صورتحال خراب ٿي سگهي ٿي. هوائون ٽرانسميشن لائين کي متاثر ڪنديون هن وڌيڪ چيو تہ گرمين ۾ 4 ڪلاڪن کان وڌيڪ لوڊشيڊنگ نہ ٿيندي، وڌيڪ نقصان وارن علائقن ۾ بہ 4 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ٿيندي، گذريل سال بجلي جي طلب 30 هزار ميگاواٽ ٿي وئي، تربيلا مان بجلي جي پيداوار وڌائي ويندي. ڪوئلي پاور پلانٽس ۾ ڪو وڏو خلل نظر نٿو اچي.

بقايا ❊❊❊ 09

پاشا چيو تہ آءِ ايم ايف ڪيترائي سوال اٿاريا آهن. جنهن تي اسحاق ڊار جي آءِ ايم ايف مشن چيف ناٿن پورٽر سان ورچوئل ڳالهہ ٻولهہ ٿي. هن چيو تہ آءِ ايم ايف کان بجيٽ جي حوالي سان ڪجهہ شين تي وضاحت طلب ڪئي آهي. آءِ ايم ايف کي خرچن ۽ ٽيڪسن جي معاملي تي خدشا آهن. اسان آءِ ايم ايف کي بجيٽ جي حڪمت عملي ۽ ويزن کان آگاهہ ڪري ڇڏيو آهي. آءِ ايم ايف کي چيو ويو آهي تہ بجيٽ جي حوالي سان. بجيٽ جو مقصد معاشي ترقي آڻڻ آهي جڏهن تہ عالمي اداري سان اسٽريٽجڪ سطح تي ڳالهيون ڪيون پيون وڃن. مملڪتي وزير چيو تہ خرچن سميت پين ڏيتا تي آءِ ايم ايف سان وڌيڪ ٽيڪنيڪل ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي. آءِ ايم ايف پاور ڊويزن ۽ اسٽيٽ بينڪ جي عملدارن سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪندو. آءِ ايم ايف اسٽيٽ بينڪ سان مٽا سٽا ۽ پاليسي ريٽ تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هن وڌيڪ چيو تہ حڪومت معاشي استحڪام ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ قدم نہ کڻندي. پيٽروليم ليوي وڌائڻ جو فيصلو ناهي ڪيو. رڳو قانون جي گنجائش بچي آهي. جيڪڏهن ضرورت پئي تہ پيٽروليم ليوي جي شرح وڌائي يا گهٽائي ويندي.

بقايا ❊❊❊ 10

5 رڪني بينچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ڪالهہ ٻڌڻي جو لکت وارو حڪم جاري ڪيو ويو آهي حڪم نامي ۾ سپريم ڪورٽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سميت 5 ڄڻن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي. حڪم ۾ چيو ويو آهي تہ اٽارني جنرل آف پاڪستان ٻن رپورٽن جو حوالو ڏنو اسپيشل جوائنٽ انويسٽيگيشن ٽيم پاران عبوري جاچ رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي وئي ۽ ٻي رپورٽ ۾ پرڏيهي وزارت پاران هن وقت تائين کنيل قدمن جو تفصيلي ذڪر ڪيو ويو. واضح رهي تہ گذريل ڏينهن ٻڌڻي دوران ارشد شريف جي ماءُ جي وڪيل شوڪت عزيز صديقي چيو تہ ارشد شريف جي والده درخواست ڏني آهي ۽ 5 ماڻهن جا بيان وٺڻ لاءِ چيو ويو آهي. ان تي چيف جسٽس رمارڪس ڏنا تہ اسان نہ تہ جاچ ڪري رهيا آهيون ۽ نہ ئي جاچ ادارن کي ڪا هدايت ڏئي سگهون ٿا. جي آءِ ٽي کي درخواست آهي تہ ان تي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي هن چيو تہ عدالت رڳو سهولت فراهم ڪري رهي آهي. جاچ آفيسر ان کي ڏسندو

بقايا ❊❊❊ 11

پيپلز پارٽي سان آهي. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي تہ ڪاشف شورو حيدرآباد جو ميئر ۽ صغير قريشي ڊپٽي ميئر چونڊجي ويو آهي. اليڪشن ڪميشن حيدرآباد جي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي بلدياتي چونڊ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير سعيد غني حيدرآباد جي نئين چونڊيل ميئر ۽ ڊپٽي ميئر کي بنا مقابلي چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني آهي.

بقايا ❊❊❊ 12

۾ ڊالر جي قيمت ۾ 97 پئسا گهٽتائي ڪانپوءِ ڊالر 287 رپيا ٿي ويو ڪالهہ انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 287 رپيا 97 پئسا تي بند ٿيو ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر اڍائي رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ ڊالر 295 رپيا 50 پيسا تي موجود آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ ڪاروبار جو ملا جلا رجحان ڏٺو ويو، پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 39 پوائنٽس جي واڌ سان 41 هزار 577 تي پهچي ويو ڪالهہ 100 انڊيڪس 41 هزار 538 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا ❊❊❊ 13

مليرهالت، رفاهہ عام ۽ سعدي ٽائون سميت ٻين علائقن مان بجلي جي لوڊشيڊنگ جون شڪايتون ملي رهيون آهن ڪراچي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني جي اليڪٽرڪ جو چوڻ آهي تہ هاڻوڪي طوفان ۽ ملڪ ۾ آر ايل اين جي جي فراهمي متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. جنهن سبب بجلي جي پيداوار بہ متاثر ٿي سگهي ٿي. بجلي جي پيداوار بہ متاثر ٿي سگهي ٿي، لوڊ مئنيجمينٽ بہ استثنيٰ ڏيندڙ صارفين تي لاڳو ٿيندي.

بقايا ❊❊❊ 14

ورٿو يوسي چيئرمين ارشد حسين گذريل رات حافظ نعيم الرحمان جي حمايت ۾ وڊيو بيان جاري ڪيو جنهن موجب ارشد حسين بہ رات 10 وڳي جماعت اسلامي جي جلسي ۾ شرڪت ڪري رهيو هو. گهر پهچڻ تي سادا ڪپڙا پهريل ماڻهن ارشد حسين کي ڪنهي ڪينيو واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ سفيد ۽ ڪاري ڪار ۾ 6 کان 8 ڄڻا آيا ۽ کين زبردستي کڻي ويا.

بقايا ❊❊❊ 15

۽ ڪمپني جو انتظام ۽ ڪنٽرول خريدار جي حوالي ڪندي. پرڏيهي خابرو اداري موجب شيل پيٽروليم ڪمپني کي 2022 ۾ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ ۽ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي سبب وڏي مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو. ان کان علاوه برطانوي ڪمپني کي بہ واجبات جي وصولي ۾ مشڪلاتون پيش آيون جنهن سبب ڪمپني اهو فيصلو ڪيو آهي. شيل جي ترجمان موجب شيئرز جي وڪري ۾ گروپ جا ٻيا ڪاروبار بہ شامل آهن. جنهن ۾ پاڪ عرب پائيپ لائين ڪمپني لميٽيڊ (PAPCO) ۾ 26 سيڪڙو مالڪي جي دلچسپي بہ شامل آهي. شيل پيٽروليم ڪمپني پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ڪمپني پاڪستان ۾ پنهنجا سمورا شيئر وڪرو ڪري رهي آهي، جنهن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي اجلاس ۾ منظوري ڏني وئي آهي. ان وڪري سان پاڪستان ۾ شيل جي هلندڙ ڪمن تي ڪو بہ اثر نہ پوندو ۽ اهو جاري رهندو.

بقايا ❊❊❊ 16

جاري ڪري ڇڏيو آهي. ڪاشف شورو صوبائي وزير جام خان شورو جو ڀاءُ آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي ٻين اميدوارن پاران هٽ ڪڻ کان پوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو ٽي ايل پي جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿي ويا هئا. ڪاشف شورو ۽ صغير قريشي ٻنهي جو تعلق پاڪستان پيپلز پارٽي سان آهي. ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سنڌ مان پنهنجي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو هو. هوڏانهن ڪراچي ۾ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جون چونڊون 15 جون تي ٿيڻيون آهن جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ سخت مقابلي جو امڪان آهي. جماعت اسلامي طرفان حافظ نعيم الرحمان کي ڪراچي جي ميئر لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي جڏهن تہ پ پ طرفان مرتضيٰ وهاب کي ميئر جو اميدوار نامزد ڪيو ويو آهي. جماعت اسلامي کي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوارن جي حمايت حاصل آهي جڏهن تہ پيپلز پارٽي کي مسلم ليگ(ن) ۽ جي يو آءِ(ف) جي اميدوارن جي حمايت حاصل آهي.

بقايا ❊❊❊ 17

جي سربراهي ۾ سُپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بئنچ ريويو آف ججمينٽ ايڪٽ خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي. پي ٽي آءِ جي وڪيل علي ظفر دليل ڏيندي چيو تہ آرٽيڪل 184 جي شق ٽي جي اختيارن کي گهٽائڻ لاءِ قانون سازي ڪئي وئي. چيف جسٽس رمارڪس ڏنا تہ آرٽيڪل 184 جي شق ٽي جي فيصلي خلاف اپيل جو حق ڏيڻ لاءِ آئيني ترميم ڪريو. آئيني ترميم ڪئي وئي تہ اسان ان کي ڀليڪار چونداسين. آئيني اختيارن کي آئيني ترميم ذريعي ئي تبديل ڪري سگهجي ٿو ۽ بعد ۾ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ 18

تي اسلام آباد ۾ ٿيندين. مسلم ليگ(ن) جي عهديدارن جي چونڊ لاءِ چونڊ عمل جمعي تي ٻنپهرن جو اڍائي وڳي پارٽي سيڪريٽريٽ چڪ شهزاد ۾ ٿيندو نوازشريف لاڳيتو پارٽي اڳواڻ جي عهدي تي فائز رهندو ذريعن موجب پارٽي جو موجوده صدر وزيراعظم شهباز شريف مسلم ليگ(ن) جو بنا مقابلي صدر چونڊجي ويندو جڏهن تہ احسن اقبال جا هڪ دفعو ٻيهر سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي قائم رهڻ جا ڏگها امڪان آهن خواجہ سعد رفيق ۽ سردار اياز صادق کي بہ پارٽي عهدا ملڻ جا ڏگها امڪان آهن. جڏهن تہ مريم نواز چونڊ ۾ بنا مقابلي چيف آرگنائيزر ۽ سينئر نائب صدر چونڊجي ويندي. حمزه شهباز کي بہ پارٽي جو سينئر نائب صدر بڻائڻ جا امڪان آهن جڏهن تہ شاهد خاقان عباسي کي پارٽي عهدو ڏيڻ يا نہ ڏيڻ جو فيصلو اڃان تائين نہ ٿي سگهيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 19

وئي. پاڪستان حج مشن جي ڊائريڪٽر جنرل عبدالوهاب سومري چيو تہ عثمان ارشد نوجوان لاءِ انوکو مثال آهي. عبدالوهاب سومري چيو تہ سعودي حڪومت عثمان جي حج ويزا جاري ڪرڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪيو نوجوان کي حج پانڌيئڙن جي سرڪاري رهائش ۾ رهايو ويو آهي. حج مشن پانڌيئڙن کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي.

بقايا ❊❊❊ 20

ويا آهن ارسلان شيخ ٻيو پيرو سڪر جو ميئر چونڊيو ويو آهي. ان کان اڳ پاڪستان پيپلزپارٽي سان واسطو رکندڙ اڳواڻ حيدرآباد شهر جا بنا مقابلي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر چونڊجي ويا.

بقايا ❊❊❊ 21

.انتظاميا جو چوڻ آهي تہ سمنڊ ڪناري پرسان سي ويو اپارٽمينٽ ۽ درخشان ولاز جي رهواسين کي خالي ڪيو وڃي. جڏهن تہ تندو بخاري، تندو شهباز، نشاط ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جا رهواسي بہ پنهنجا گهر خالي ڪن. ٻئي طرف سامونڊي طوفان ٻيرجوئي کي نظر ۾ رکندي ڪراچي ۾ امڪاني صورتحال کي نظر ۾ رکندي ايس ايس يو هيڊ ڪوارٽرز ۾ سيڪيورٽي ڊويزن جو اربن فلڊنگ ريسڪيو يونٽ قائم ڪيو ويو آهي. ايس ايس يو ترجمان موجب شهر ۾ امڪاني برسات ۽ ايمرجنسي کي منهن ڏيڻ لاءِ اربن فلڊنگ ريسڪيو يونٽ هر وقت تيار هوندو. ترجمان چيو تہ اربن فلڊنگ ريسڪيو يونٽ برسات ۾ ڦاٿل شهرين ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هي يونٽ خاص تربيت يافتہ ايس ايس يو ڪمانڊوز تي مشتمل آهي.

بقايا ❊❊❊ 22

سگهي ٿو مان پيپلز پارٽي جي ووٽرز ۽ سپورٽرز کان گذارش ڪريان ٿي تہ مون کي قبول ڪن پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ چيو تہ 9 مئي کان پوءِ جيڪي واقعا پيش آيا اهي انتهائي افسوسناڪ آهن. عمران خان جي چوڌاري موجود ماڻهو تشدد ذريعي سياست ڪرڻ چاهي ٿي. مان گذريل 15 سالن کان پنجاب ۾ سياسي جدوجهد ڪري رهي آهيان. شخصيات ريڊ لائين ناهن هونديون. پاڪستان ريڊ لائين آهي. ان موقعي تي پ پ اڳواڻ حسن مرتضيٰ چيو تہ پنجاب ۾ پيپلز پارٽي جي هڪ دفعو ٻيهر مشهوري جو سلسلو جاري آهي. اسان چاهيون ٿا تہ گراس روٽ ليول کان مٿان ايندڙ ماڻهو اسان سان گڏجن. منهنجي اپيل آهي تہ سهولتڪارن جي معافي قبول ڪرڻ گهرجي. هنن ماڻهن ڏيڍ سال دوران نوجوانن کي منظم طريقي سان پاڻ ۾ وڙهايو اهي ماڻهو نوجوانن کي ادارن تي چڙهائي ڪرڻ جو سڏ ڏيندا رهيا.

بقايا ❊❊❊ 23

۾ چيو ويو آهي تہ اڳ کان موجود استحڪام پاڪستان تحريڪ پارٽي جو نالو چوري ڪرڻ اليڪشن ايڪٽ 2017 جي کليل ڀڃڪڙي آهي. نوٽيس جي متن موجب استحڪام پاڪستان تحريڪ پارٽي نہ پر هڪ نظريو آهي جنهن جو بنيادي نعرو مستحڪم پاڪستان آهي. استحڪام پاڪستان تحريڪ 17 مئي 2022 تي رجسٽرڊ ٿي هئي. اماڻيل نوٽيس ۾ جهانگير ترين ۽ عليم خان کي 7 ڏينهن جو وقت ڏنو ويو آهي. ست ڏينهن ۾ پارٽي پارٽي جو ڪو ٻيو نالو تجويز ڪريو جيڪو انهن جي ذاتي نظرئي سان هڪ جهڙائي رکندو هجي.

بقايا ❊❊❊ 24

لک رپيا ڪٽي ڳڙهي ياسين وڃي رهيا هئا تہ هنن کي ڌاڙيلن اغوا ڪري ورتو جن مان هڪ نوجوان ڪينال ۾ ٽپو ڏئي پاڻ بچائي پوليس وٽ پهتو ڌاڙيل فوجي جوان جعفر راڄپر، سرفراز راڄپر ۽ ثناءالله کي اغوا ڪري ويا مغوين جي مائٽن جو چوڻ آهي تہ نوجوان ٽرڪٽر جي خريد جي ڏتي ۾ اچي اغوا ٿي ويا آهن اغوا ٿيلن جي مائٽن اختيارين کي اپيل ڪئي آهي تہ اسان جي نوجوانن کي بازياب ڪرايو وڃي.

بقايا ❊❊❊ 25

ڪورٽ جي فيصلي خلاف اعليٰ عدالتن ۾ اپيل بہ داخل ڪري سگهبي. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي قانون واري وزير چيو تہ فوجي عدالتن ۾ ڪيسن جي حوالي سان عالمي معاهدن تي عمل ڪيو ويندو. فوجي عدالت ۾ جوابدار کي شفاف ٽرائل جو حق حاصل هوندو هن چيو تہ فوجي عدالت ۾ جوابدار کي مرضي جو وڪيل ڪرڻ ۽ پنهنجي دفاع ۾ شاهدين ۽ ثبوت فراهم ڪرڻ جو حق هوندو. اڃا تائين ڪنهن عورت جو ڪيس فوجي عدالت ڏانهن ناهي اماڻيو. جڏهن تہ فوجي عدالتن جي فيصلن خلاف اعليٰ عدالتن ۾ اپيل جو بہ حق حاصل هوندو

بقايا ❊❊❊ 26

وٺي آهي. ٻنهي فنڪارن خلاف موري جي رهواسي ايڊووڪيٽ گلزار علي عالماڻي حيدرآباد جي عدالت ۾ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪرائي آهي. درخواستگذار موقف اختيار ڪيو آهي تہ روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي سوشل ميڊيا تي فحاشي پکيڙي رهيا آهن واضح رهي تہ روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي جي وڊيوز تي سوشل ميڊيا واهپيدارن طرفان سخت تنقيد ڪئي ويندي آهي. ڪجهہ وقت اڳ بہ روبي علي ۽ ارشاد جاگيراڻي جي سمنڊ تي هڪ وڊيو سامهون آئي هئي، جنهن تي سوشل ميڊيا واهپيدارن سخت ردعمل جو اظهار ڪيو هو

بقايا ❊❊❊ 27

۽ دهشتگردي جي ڪيس ۾ 9 مئي تي وڊيو پيغامن ذريعي فوجي ٺڪاڻن تي حملن جي لاءِ ڀڙڪائڻ جو الزام لڳايو ويو آهي. ايف آءِ آر ۾ صابر شاڪر ۽ معيد پيرزاده کان علاوه محي الدين ۽ سيد اڪبر حسين کي بہ نامزد ڪيو ويو آهي. ڪيس ۾ شهري طرفان چيو ويو آهي تہ مان 9 مئي تي وڃي رهيو هئس تہ ميلودي ۾ 15 کان 20 ماڻهو جوابدارن جي وڊيو پيغامن ذريعي ماڻهن کي دهشتگردي لاءِ ڀڙڪائي رهيا هئا. مظاهرين صابر شاڪر، معيد پيرزاده ۽ ٻين کان دهشتگردي پکيڙڻ جون هدايتون وٺي رهيا هئا. داخل ڪيل ڪيس ۾ چيو ويو آهي تہ جوابدارن عسڪري ٺڪاڻن تي حملا ڪري ملڪ ۾ دهشتگردي ۽ خوف پکيڙڻ چاهيو ٿي. جوابدار پرڏيهي ملڪن ۾ رهي ملڪ دشمن ايجنسين جا سهولتڪار بڻيل آهن.

بقايا ❊❊❊ 28

ترجمان جو چوڻ آهي تہ گولاڙچي، عمرڪوٽ ۽ بدين ضلعن ۾ 18 فيڊر ٽرپ ٿي ويا. طوفاني هوائن دوران سجاول گرڊ اسٽيشن جو ٽاور ۽ چوهڙ جمالي ۾ بجلي جا پول ڪِري پيا 132 ڪي وي سجاول لاڙيون ٽرانسميشن لائين جو سرڪٽ ايس جي ڊبليو ٽو ٽرپ ٿي ويو ٽاور لوڪيشن نمبر 3 ڪِرڻ سبب لاڙيون گرڊ اسٽيشن کي بجلي جي فراهمي بند ٿي وئي. حيسڪو جو عملو موجود آهي، پر خراب موسم ۽ طوفاني هوائن سبب مرمتي ڪم ۾ ڏکيائيون ٿي رهيون آهن طوفاني هوائن سبب عمرڪوٽ ۽ بدين گرڊ اسٽيشنز جا 14 فيڊر ٽرپ ٿي ويا. چوهڙ جمالي ۾ 12 پول ڪرڻ سبب ڪيترن ئي علائقن جي بجلي بند ٿي وئي. بجلي بند هجڻ سبب ساحلي پٽي جي ماڻهن جا اهنج ٻيڻا ٿي ويا

بقايا ❊❊❊ 29

ڪوشش ڪري رهيا آهن رات دير سان ڪيٽي بندر شهر کي ضلعي انتظاميہ پوليس ۽ فوج جي مدد سان شهر کي خالي ڪرائي ڇڏيو آهي جڏهن تہ ڊي سي ٺٽو غلام فاروق سومرو جي سخت هدايت تي ڪاروڇاڻ جي 10 ڳوٺن مان پڻ ماڻهن کي ڪڍيو پيو وڃي ڪيٽي بندر جي هن ريسڪيو آپريشن جاري آهي جنهن جي نگراني ڊي سي ٺٽو پ پ ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري، ايم پي اي سيد رياض شاهہ شيرازي ڪري رهيا آهن هوڏانهن ڊي سي ٺٽو جو چوڻ آهي تہ ضلعي انتظاميہ ڏهہ رليف ڪئمپس قائم ڪيون آهن. انهن رليف ڪئمپن ۾ رهندڙ ماڻهن کاڌ خوراڪ ۽ پاڻي نہ هئڻ جون شڪايتون پڻ ڪيون آهن

بقايا ❊❊❊ 30

عالمي بينڪ موجب اها رقم ٻوڏ متاثرين جي بحالي ۽ نئين سري سان تعمير تي خرچ ڪئي وڃي. رقم خيبرپختونخواهہ جي ٻوڏ متاثرين تي خرچ ڪئي ويندي عالمي بينڪ موجب رقم مان 55 لک متاثرين کي فائدو پهچندو. فنڊز خيبرپختونخواهہ جي ڏورانهين علائقن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ بہ استعمال ٿي سگهندا. ياد رهي تہ ان کان اڳ اسلامي ترقياتي بينڪ ٻوڏ متاثر پاڪستاني علائقن ۾ نئين سري سان تعمير ۽ بحالي لاءِ 4 ارب 20 ڪروڙ ڊالر ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو

بقايا ❊❊❊ 31

هزار، گهوڙا باري مان 3 هزار ۽ تعلقي شهيد فاضل راهو مان 16 هزار ماڻهو محفوظ هنڌن تي منتقل، بدين مان 9 هزار ماڻهو محفوظ هنڌن تي منتقل ٿي ويا شاهہ بندر مان 5 هزار ۽ جاتي مان پوڻا پنج هزار ماڻهو محفوظ هنڌن تي منتقل. چوهڙ جمالي ويجهو ڳوٺ حاجي ابراهيم جت جا رهواسي محفوظ هنڌن تي منتقل نہ ٿي سگهيا چوهڙ جمالي هاءِ اسڪول ڪيمپ تي پهتل متاثر گنجائش نہ هئڻ سبب پريشان. ڪيمپ ۾ ترسيل متاثرين پاران ڪا بہ سهولت نہ هئڻ جون دانهون ڪيون ويون. متاثرن جو چوڻ هو تہ هتي اسان کي آندو ويو آهي پر ڪا بہ سهولت ناهي ملي سگهي. واهر ڪئي وڃي. رينجرز طرفان سجاول، ٺٽي ۽ بدين جي سامونڊي پٽي مان ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي رينجرز ترجمان جو چوڻ آهي تہ راشن بيگز، صاف پاڻي ۽ ٻين ضروري شين تي ٻڌل 11 ٽرڪون متاثر علائقن ڏانهن روانيون ڪيون ويون آهن سجاول، ٺٽي ۽ بدين جي متاثر علائقن ۾ رينجرز طرفان 77 رليف ڪيمپس قائم ڪيون ويون آهن. هيل تائين 60 هزار 442 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا ❊❊❊ 32

جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي خواجا آصف چيو تہ غربت جي خاتمي واري چيئرمين جي پگهار 27 لک رپيا آهي، جڏهن تہ يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جي بجيٽ اربين رپين جي آهي. ڏاڙيل قوم کي سيڪاري رهيا آهن. اهي ڏاڙيلن کي سيڪاريندا. هتي وري ڏسو تہ 2018 ۾ ڇا ٿيو ۽ پوءِ چاهہ رسالي ۾ ڇا ٿيو هن چيو تہ عدليہ، بيوروڪريسي ۽ حڪومتي نااهلي جو ڳانڍاپو خراب معاشي صورتحال جو سبب آهي. قومي اسيمبلي جي بلڊنگ ۾ ويٺل ماڻهن کي ٿي رپيو پگهار ملي ٿي، ٽن وزيراعظمن ڪاڏو ۽ دفن نہ ڪيس. ڇا ڪيو؟ عملدرآمد جي تاريخ لاءِ معافي نہ ڏيو. هن چيو تہ جڏهن هڪ شخص اقتدار ۾ آيو تہ رياست کي يرغمال بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پارٽي فوج بہ ڪرنل شير خان شهيد نشان حيدر جي عزت ڪئي پر هن بہ سندس بي عزتي ڪئي ۽ نفرت جو اظهار ڪيو خواجا آصف چيو تہ 9 مئي تي هن ناٽڪ کي پوڙي ڇڏيو هو جيڪڏهن هو استعيفيٰ نہ ڏئي ها تہ اڄ هتي ويٺو هجي ها. هن اسان کي بہ حڪومتون ڏنيون، پرويز الاهي ڪوشش ڪندو رهيو تہ اسيمبلي ٽوڙي نہ وڃي. هن خيبرپختونخواهہ اسيمبلي بہ ٽوڙي ڇڏي. پوءِ استعيفائون واپس وٺڻ لاءِ عدالتن ۾ ويا. هن چيو تہ شهيدن جي يادگار کي ڊاهڻ سان سخت نفرت جو اظهار ڪيو ويو. جي ايچ ڪيو تي پيٽرول بم اڇلايا ويا. دفاعي اثاثن تي حملا ڪيا ويا. 75 سالن ۾ اسان جو ازلي دشمن اهو نہ ڪري سگهيو جيڪو اندروني دشمن ڪيو. هي ناٽڪ ڪير بي ويو. هاڻي چوي ٿو منهنجي خلاف سازش ٿي رهي آهي. هن چيو تہ هڪ شخص چند ماڻهن سان گڏجي رياست کي چيلينج ڪري ٿو. ڇا اسان جي 75 سالن جي تاريخ ۾ ڪنهن رياست کي چيلينج ڪيو آهي. هڪ شخص چئي رهيو آهي تہ سازش آهي، ڇا توهان جون بہ پيٽرون اتي ٻيليون هيون. ڇا اهي بہ ان سازش جو حصو هيون. هن وقت تائين 3200 شرپسندن جي نشاندهي ٿي چڪي آهي. وفاقي وزير چيو تہ بجيٽ ٽرانزيڪشن وارو واقعو آهي. جيڪڏهن ڪجهہ معاملا درست نہ ڪيا ويا تہ معاشي حالتون درست نہ ٿي سگهنديون. اسان وٽ قومي دولت وڌائڻ جا وسيلا آهن. پر قومي دولت وڌائڻ جو عزم ناهي، جڏهن پرائيويٽائيزيشن جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ ماڻهو نيب کي نہ سڏڻ کان تنگ ٿي وڃن ٿا. بجاءِ واري وزير چيو تہ ٻاهر انگريزي ڳالهائيندڙ آهن جيڪي چوندا آهن تہ هو پرڏيهي مٽا سٽا تہ موڪليندا پر خليجي ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو پرڏيهي مٽا سٽا موڪليندا آهن. پرڏيهہ مان عرب ملڪن جا ماڻهو پنهنجي عيدن تي ملڪ ۾ اچن ٿا جڏهن تہ انگريزي ڳالهائيندڙ ٻاهرين ملڪ ملڪيتون وٺڻ اچن ٿا.

بقايا ❊❊❊ 33

جاري ڪري ڇڏيو آهي. ڪاشف شورو صوبائي وزير جام خان شورو جو ڀاءُ آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي ٻين اميدوارن پاران هٽ ڪڻ کان پوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو ٽي ايل پي جي اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ رد ٿي ويا هئا. ڪاشف شورو ۽ صغير قريشي ٻنهي جو تعلق پاڪستان پيپلز پارٽي سان آهي. ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سنڌ مان پنهنجي ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جي اميدوارن جي نالن جو اعلان ڪيو هو. هوڏانهن ڪراچي ۾ ميئر ۽ ڊپٽي ميئر جون چونڊون 15 جون تي ٿيڻيون آهن جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ سخت مقابلي جو امڪان آهي. جماعت اسلامي طرفان حافظ نعيم الرحمان کي ڪراچي جي ميئر لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي جڏهن تہ پ پ طرفان مرتضيٰ وهاب کي ميئر جو اميدوار نامزد ڪيو ويو آهي. جماعت اسلامي کي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوارن جي حمايت حاصل آهي جڏهن تہ پيپلز پارٽي کي مسلم ليگ(ن) ۽ جي يو آءِ(ف) جي اميدوارن جي حمايت حاصل آهي.

بقايا ❊❊❊ 34

۽ ڪمپني جو انتظام ۽ ڪنٽرول خريدار جي حوالي ڪندي. پرڏيهي خابرو اداري موجب شيل پيٽروليم ڪمپني کي 2022ع ۾ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ ۽ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ گهٽتائي سبب وڏي مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو. ان کان علاوه برطانوي ڪمپني کي بہ واجبات جي وصولي ۾ مشڪلاتون پيش آيون جنهن سبب ڪمپني اهو فيصلو ڪيو آهي. شيل جي ترجمان موجب شيئرز جي وڪري ۾ گروپ جا ٻيا ڪاروبار بہ شامل آهن. جنهن ۾ پاڪ عرب پائيپ لائين ڪمپني لميٽيڊ (PAPCO) ۾ 26 سيڪڙو مالڪي جي دلچسپي بہ شامل آهي. شيل پيٽروليم ڪمپني پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي تہ ڪمپني پاڪستان ۾ پنهنجا سمورا شيئر وڪرو ڪري رهي آهي، جنهن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي اجلاس ۾ منظوري ڏني وئي آهي. ان وڪري سان پاڪستان ۾ شيل جي هلندڙ ڪمن تي ڪو بہ اثر نہ پوندو ۽ اهو جاري رهندو.

بقايا ❊❊❊ 35

اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شيري رحمان چيو تہ سياڻي يارنهن وڳي سامونڊي طوفان ڪيٽي بندر سان ٽڪرائيندو تنهنڪري ماڻهن کي اپيل آهي تہ عوام انتظاميا سان سهڪار ڪري. پيٽروليگ ريلف ۽ ريسڪيو لاءِ سمورا ادارا متحرڪ آهن ۽ 66 هزار ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ويو آهي. وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي تہ طوفان سبب اڄ ننڍن جهازن کي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ طوفان جي ويجهو پهچندي ئي ڪمرشل فلائٽس کي بہ روڪيو ويندو هن اپيل ڪئي تہ ماڻهو سامونڊي پٽي وارن علائقن طرف طوفان ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا آهن، مهرباني ڪري هي ڊيزاسٽر ٽورازم بند ڪريو سندس چوڻ هو تہ مهرباني ڪري عوام ٽڪ ٽاڪ ٺاهڻ لاءِ سامونڊي علائقن ڏانهن نہ وڃن. بار بار شڪايتون ملي رهيون آهن. عوام کي هر هر روڪي رهيا آهيون.

بقايا ❊❊❊ 36

۾ چيو ويو آهي تہ اڳ کان موجود استحڪام پاڪستان تحريڪ پارٽي جو نالو چوري ڪرڻ اليڪشن ايڪٽ 2017 جي کليل ڀڃڪڙي آهي. نوٽيس جي متن موجب استحڪام پاڪستان تحريڪ پارٽي نہ پر هڪ نظريو آهي جنهن جو بنيادي نعرو مستحڪم پاڪستان آهي. استحڪام پاڪستان تحريڪ 17 مئي 2022 تي رجسٽرڊ ٿي هئي. اماڻيل نوٽيس ۾ جهانگير ترين ۽ عليم خان کي 7 ڏينهن جو وقت ڏنو ويو آهي. ست ڏينهن ۾ پارٽي پارٽي جو ڪو ٻيو نالو تجويز ڪريو جيڪو انهن جي ذاتي نظرئي سان هڪ جهڙائي رکندو هجي.

بقايا سنڌيار 01

۽ پيراميڊيڪل انسٽيٽيوٽ 50 نوجوانن پاران رت جو عطيو ڏنو ويو ان موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻن سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو، ڊاڪٽر عبدالخالق عباسي، اعجاز ممنائي، علي اڪبر ناريجو، منصور احمد سيال، علي اصغر ۽ ٻين چيو ته اسان سول سوسائٽي توڙي انتظاميه جا شڪر گذار آهيون جن انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ رت جو عطيو ڏنو آهي الله سائينءَ جي نظر ۾ ان کان وڌيڪ ٻي وڏي عبادت نه آهي اڳواڻن چيو ته اسان جي نوجوانن ۾ رت ڏيڻ جو اڄ جيڪو جذبو ڏٺو ويو آهي ان مان ظاهر آهي ته اسان هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون ۽ هي بلڊ ٿيليسيميا، هيموفيليا، ڊائلاسز ۽ ايمرجنسيءَ ۾ اينڊز مريضن تي استعمال ٿيندو ڊونر فراهم ڪيا ان موقعي تي سول اسپتال اندر هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ جي قيام کي هڪ سال پورو ٿيڻ تي آرگنائيزرن کي يادگار سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا اڳواڻن چيو ته هيءُ بلڊ بئنڪ لوڪل ماڻهن جي تعاون سان هلي ٿي ۽ رت جو عطيو ڏيڻ سان انساني جسم ۾ نئون رت پيدا ٿئي ٿو اڳواڻن چيو ته صحتمند انسان هر ٽن مهينن کان پوءِ رت جو عطيو ڏئي سگهي ٿو اڳواڻن چيو ته اسان جي خوش نصيبي آهي جو سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ قائم ٿيل هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ 24 ڪلاڪ غريب مريضن کي رت جي سهولت فراهم ڪري رهي آهي اڳواڻن توڙي ڊونرن سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو جي محنتن کي ساراهيو جنهن جي ڀرپور تعاون سان هيءُ بلڊ بئنڪ ڪم ڪري رهي آهي اڄ جي هيءُ بلڊ ڪئمپ شهيد شهناز انصاري جي ايصال ثواب لاءِ رکي وئي جنهن ۾ ڪاظم رضا ميمڻ، علي نواز سولنگي، غلام نبي تگهڙ، گل حيدر لاڙڪ، علي اصغر چنه ۽ ٻين طرفان ڊونر ڏنا ويا آخر ۾ ڊونرز کي يادگار سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 02

تي اسان مٿان حملو ڪري ڏنو حملي جي نتيجي ۾ رحمت الله امان الله سميت چار ڄڻس زخمي ٿي پيا جوابدار فرار ٿي پيا زخمين کي سول اسپتال داخل ڪرايو آهي ۾ تماچاڻي ٿاڻي جي پوليس اسان جي زخمين جو جوابدارن مٿان ڪيس داخل ن ٿي ڪري ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

آباد جي پوليس اسان جي نوجوان ارشد شر کي مال چارينديءَ ڪنگ واهه وٽان بغير ڪنهن وارنٽ جي ڪار ۾ کڻي وڃڻ بعد ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو آهي ۽ سندس گرفتاري کان مڪمل لاعلمي ٻڌي آهي جيڪو سراسر ظلم آهي. ارشد شر کي بيگناهه گرفتار ٿئي پنج ڏينهن گذري ويا آهن هر هنڌ تلاشي وٺڻ باوجود پوليس سندس باري ۾ ڪجهه به ٻڌائڻ کان لنوائي پئي. اسان کي خدشو آهي ته پوليس مٿس ڪوڙا ڪيس داخل ڪري هاف يا قل فراء نه ڪري مظاهرين سيڪيورٽي ادارن جي چيف سميت آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوجوان ارشد شر کي پوليس وٽان آزاد ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 04

مقتول مراد جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار نٿي ڪري ۽ جوابدار اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن پوليس جوابدار ڌر کان ڳري رشوت وٺي جوابدارن گرفتاري لاءِ ڪک پڇي ٻيٺو ناهي ڪيو پوليس ڪيس ۾ نامزد فقط هڪ جوابدار عرفان گوپانگ کي گرفتار ڪيو آهي ۽ ٻين جوابدارن کان پوليس ڳري رشوت وٺي ڪين ڪجهه نٿي ڪري، مظاهرين ايم پي اي فريال ٽالپر، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته مراد گوپانگ جي قتل ۾ ملوث ٻين 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

واپس ناهي وريو جنهن سبب وارث سخت پريشان ٿي ويا آهن ان سلسلي ۾ گم ٿي ويل محمود لولائي جي وارثن عثمان ۽ محبوب لولائي جو چوڻ هو ته اسانجو ڀاءُ محمود لولائي سرحد پرسان او جي ڊي سي ايل جي کوهه تي چوڪيداري ڪندو هو جيڪو ڊيوٽي تي ويو ته واپس ناهي وريو ۽ لاپتا ٿي ويو آهي هنن جو چوڻ هو ته اسانکي شڪ آهي ته ڪيس اغوا ڪيو ويو آهي. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي سرحد پوليس جو چوڻ هو ته محمود لولائي جي گم ٿيڻ جو اطلاع مليو آهي سندس جي گمشدگي جي رپورٽ داخل ڪئي وئي آهي معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا سنڌيار 06

اڳواڻ ستار زنگيجو شرڪت ڪئي جڏهن ته سي ايس ايس جي امتحان ۾ ٻهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ سکر واسي نوجوان روهت چمار کي ڊائريڪٽر ڪلچر ڊپارٽمينٽ لائبريري سکر پاران اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي لائبريري ۾ موجود شاگردن کي خطاب ڪندي ممتاز بخاري، امتياز علي ميمڻ، ستار زنگيجو چيو ته روهت ڪمار جي سي ايس ايس جي امتحان ۾ ڪاميابي سکر جي نوجوانن لاءِ فخر جي ڳالهه آهي اسان جي نوجوانن کي گهرجي ته هو محنت ڪري اعلي امتحانن ۾ پاس ٿي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي ۽ ملڪ جي خوشحالي لاءِ ڪردار ادا ڪن جڏهن ته ڊائريڪٽر ڪلچر ڊپارٽمينٽ امتياز علي ميمڻ چيو ته ان ڳالهه جي خوشي آهي ته نوجوان روهت ڪمار اسان جي رحيم داد خان شيدائي لائبريري ۾ سي ايس ايس جي تياري ڪري شهري سنڌ ۾ ٻهرين پوزيشن حاصل ڪئي آهي اڄ ان ٿي لائبريري ۾ سندس مان ۾ اڄيائون ڪري رکيو ويو آهي ته جئين هتي پڙهندڙ شاگردن ۾ اتساهه پيدا ٿئي ۽ هو وڌيڪ محنت ڪري هر شعبي جي امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪن امتياز علي ميمڻ جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪلچر ڊپارٽمينٽ پاران سکر ۾ قائم ڪيل رحيمداد خان مولائي شيدائي لائبريري جا دروازا سمورن شاگردن لاءِ کليل آهن

بقايا سنڌيار 07

ڪري ڪيمپن ۾ موجود ماڻهن سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيمپن ۾ رهندڙ ماڻهن کان ملندڙ سهولتن بابت پڻ پڇيو ان موقعي تي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو پنهنجي هٿن سان رليف ڪيمپن ۾ ترسيل ماڻهن ۾ ماني پڻ ورهائي هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصف علي زرداري جي خاص هدايتن تي سنڌ حڪومت طرفان ڪيمپن ۾ موجود ماڻهن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪيون پيون وڃن هن وڌيڪ چيو ته اوهان جي خدمت لاءِ هتي جا چونڊيل نمائندا رات ڏينهن توهان سان گڏ هوندا ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هر ڪيمپ تي ڪاڌي پيتي جي شين ۽ ان سان گڏ پيئڻ جو جو صاف پاڻي ۽ صحت جون سيٽي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن جنهن ۾ هرهڪ ڪيمپ تي ڊاڪٽر، پيرا ميڊيڪل اسٽاف دوائن سميت پڻ موجود آهن ۽ ڪيمپن ۾ مڇر مار اسپري پڻ روزانو جي بنياد تي ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته جنريٽر جي سهولت پڻ موجود آهي. چوپائي مال جي ويڪسين پڻ ڪئي پئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته گهٽي پاڳي ساموندي پٽي مان ماڻهو محفوظ هنڌن تي منتقل ڪري چڪا آهيون اڃان به جنهن ڳوٺ ۾ ماڻهو هجڻ جو اطلاع ملي ٿو ته اتي پڻ فوري طور تي آرمي ۽ رينجرز جي مدد سان ماڻهن کي ڪڍي محفوظ هنڌن تي پهچائڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي

بقايا سنڌيار 08

منهنجو ڀاڻيج پڻ ڏينهن کان لاپتا آهي اهڙي گمشدگي جي اين سي رپورٽ جامشورو ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي. هنن وس وارن ادارن ۽ سماجي تنظيمن کي ڳولها ۾ مدد جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 09

جو هنگامي اجلاس ساجد مستوئي، گل شير سولنگي، صابر حسين آرائين ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ دادو ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن جي عهديدارن ۽ ميمبرن چيو ته سخت گرمي باوجود واپڊا سيپڪو پاران هٿرادو لوڊشيڊنگ ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي الشهباز فيڊر، غريب آباد فيڊر سميت سڀني فيڊرن تي بدترين لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي صرف ايڪسپريس فيڊر تي لائيٽ هلي ٿي باقي فيڊر لاوارث آهن . دادو ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن پاران پهرئين مرحلي ۾ سيشن جج دادو صاحب، ڪمشنر حيدرآباد، ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ سي او سيپڪو سکر، اي سي واپڊا سيپڪو دادو، انجنيئر سيپڪو دادو کي لکت ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ جي شڪايت ڪئي ويندي ۽ واپڊا سيپڪو دادو کي 48 ڪلاڪن جو الٽيميٽ ڏيون ٿا ته واپڊا صارفين کي پوري بجلي فراهم ڪئي وڃي ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ ختم ڪري لوڊشيڊنگ جو دورانيو گهٽايو وڃي دادو ۾ صرف ايڪسپريس فيڊر تي انسان رهن ٿا باقي ٻين فيڊرن تي جانور رهن ٿا جو اتي مسلسل 10 _10 ڪلاڪ لڳاتار لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي ٿي 48 ڪلاڪن تائين بجلي جي لوڊشيڊنگ ختم نه ڪئي وئي ته احتجاج سان گڏ شهر ۾ شٽربند هڙتال جو سڏ ڏينداسين.

بقايا سنڌيار 10

ضلعي جي شاهفهد ڀٽي ، عباس علي ، رزاق خاصخيلي ، سڪندر قلڪرو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو . قليلي روڊ تي ڌرڻو هنيو. اڳواڻن چيو ته 17 ڏينهن اڳ اهلڪارن قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ناڪر کي حراست ۾ وٺي تشدد جو نشانو بڻائي ڪنهي ڪٿي گم ڪري ڇڏيو آهي . سنڌن گرفتاري ظاهر نه ڪئي وڃي پئي ، جنهن جي ڪري سنڌن حياتين کي خطرو لاحق آهي ، ڪنهن به وقت ڪين قتل ڪري لاش روڊن رستن تي ڦٽا ڪري سگهن ٿا . يا وري پوليس جي ڪوڙي مقابلي ۾ ڪين قتل ڪري سگهن ٿا ، هنن انساني حقن جي عالمي تنظيمن ۽ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بنا ڪنهن ڏوهه ڪنهي گم ڪيل قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ۽ روشن ناڪر کي آزاد ڪيو وڃي ، ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪرڻ سان گڏ شٽربند هڙتال ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 11

شبير ملڪ، احسان آرائين، اعجاز سمون ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ پيمرا اختيارين جي زيادتين خلاف نوابشاهه پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو اڳواڻن چيو ته پيمرا اختيارين اسان غريب ڪيبل آپريٽرن سان بلاجواز زيادتي ڪري رهيون آهن اسان جي ان هائوس چينل جي آخري تاريخ 23 سيپٽمبر 2023 آهي ۽ هنن بنا نوٽيس ڏيڻ جي غيرقانوني طور چڙهائي ڪري نوابشاهه مان اسان جو لکين روپين جو نقصان ڪئي ويا آهن اسان 2021 ۾ ان هائوس چينل بند ڪرائڻ ۾ درخواست ڏئي چڪا آهيون ان جي باوجود اسان سان ظلم ڪري سوين خاندانن جو معاشي قتل عام ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان ساليانو 14 لک 62 هزار پيمرا کي ادا ڪيون ٿا موٽ ۾ اسان سان اهڙو ظلم ۽ زيادتي ڪئي وڃي ٿي هنن پيمرا جي اعليٰ اختيارين ۽ سڌ سماع جي وزارت کان مطالبو ڪيو ته ان هائوس چينل فوري طور بند ڪري ڪيبل لائسنس جي ادائيگي ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي اسان جو غيرقانوني ڪنيل سامان فوري طور واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ اسان احتجاجي تحريڪ وڌائڻ ۽ عدالت سان رجوع ڪرڻ جو حق محفوظ رکون ٿا.

بقايا سنڌيار 12

اديب ۽ تاريخدان نصير ملاح ڪئي جڏهن ته مهمان خاص پروفيسر بيوس بخش علي چانڊيو هو ان موقعي تي مهورتي تقريب ۾ آيل مهمانن پروفيسر اصغر پريائي، ڊاڪٽر خادم علي مگريو، ڊاڪٽر نادر علي سومرو، ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر ۽ ٻين ويچار ونڊيندي ته اعجاز ممنائي هڪ برجستو ۽ همت ڀريو جاکوڙي جوان آهي هن جو شايع ٿيل پنجون ڪتاب نهايت ئي مفيد ۽ پائدار آهي جنهن ۾ هن پوري دنيا جون ڪيفيتون ۽ قيس بيان ڪيا آهن جيئن لطيف سرڪار "عالم سڀ آباد ڪرين" واري دعا گهري پاڻ کي پوري دنيا جو ولي ثابت ڪيو تيئن اعجاز ممنائي به عالمي دنيا جي اهنجن ۽ تڪليفن کي پنهنجي هن ڪتاب ۾ سمائي سچ پچ وڏو ڪم ڪيو آهي جنهن تي کيس خراج تحسين پيش ڪريون ٿا چوته هن مهانگائيءَ واري دور ۾ ڪتاب ڇپرائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي پر اعجاز ممنائي هر ڏکئي ڪم کي پنهنجي سر تي کڻي سماج جي سڌاري لاءِ اڳيان وڌيو آهي ڪتاب جي ليکڪ اعجاز ممنائي مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مون پنهنجي ديس سان گڏ پوري دنيا جي دردن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي جنهن منهنجي دل پري دل کي قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو ته جيئن غير انساني سلوڪ ڪندڙ عالمي سامراج جو چهرو پوري دنيا کي ڏيکاري سگهان ۽ انهن عالمي سازشن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجي ديس جي سادن ماڻهن کي سجاڳ ڪري سگهان ته جيئن منجهن وقت سان مقابلو ڪرڻ جي همت پيدا ٿي سگهي تاريخ جي هي انمول ڪتاب جتي نوجوانن ۾ اتساهه پيدا ڪندو اتي ايندڙ نسلن لاءِ آئيني طور پيش ٿيندو تقريب ۾ آيل مهمانن کي گلن جا تحفا پيش ڪيا ويا مهورتي تقريب ۾ پروفيسر منور علي سرگاڻي، سيد رياض حسين شاهه، ارباب علي ملاح، اسد رضا حسيني، گل بقا عمراڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 13

